روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد ڇهريون) جمعو 27 جنوري 2023ع بمطابق 04 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 245

اسحاق ڊار جي پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان سواءِ هلائڻ جي ڪوشش سبب وڏو نقصان ٿيو: مفتاح اسماعيل

پاڪستان ۾ عجيب سسٽم قائم ٿي چڪو آهي، هڪ ننڍي اشرافيه اسان جا سمورا فيصلا ڪري رهي آهي، هر ملڪ اسان کان اڳيان نڪري رهيو آهي پر پاڪستان ڏينهون ڏينهن پوئتي پيو وڃي

مقامي سطح تي جڏهن اختيار منتقل نه ٿيندا ته گورننس صحيح نه ٿيندي، اسان کي هيٺين طبقي جي لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي

اسان جمهوري طرز حڪومت ۽ صدارتي سسٽم کي ڏٺو آمريت کي به ڏسي ورتو، ملڪ ۾ عجيب ايليٽ سسٽم قائم ٿي چڪو آهي، جنهن کي سڌارڻو پوندو، هڪ ننڍي ايليٽ ڪلاس پاڪستان جا فيصلا ڪري رهي آهي

اسان به هن سسٽم کي تبديل نه ڪري سگهياسين ان لاءِ اسان به ڏوهاري آهيون، مسلم ليگ(ن) جوئي حصو آهيان پارٽي منهنجي خلاف ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي پر مستقبل ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو ڪو به ارادو نه آهي

اسحاق ڊار عوام ۾ منهنجي خلاف ڳالهيون ڪيون ۽ منهنجي صلاحيت تي سوال اٿاريا جنهن جو مون جواب ڏنو، خبر ناهي ته اسحاق ڊار ڪي ڇو آندو ويو. پر ڊار اهو سوچيو ته شايد هو آءِ ايم ايف کان سواءِ ملڪ کي هلائي سگهي ٿو

هن ڪوشش ڪئي جنهن سبب پاڪستان کي وڏو نقصان پهتو، حڪومت هاڻ ان ڳالهه تي راضي ٿي وئي آهي ته آءِ ايم ايف جون سخت شرطون مڃيون پونديون

ڪراچي (رپورٽر) مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته پاڪستان ۾ عجيب سسٽم قائم ٿي چڪو آهي. هڪ ننڍي اشرافيه اسان جا سمورا فيصلا ڪري رهي آهي. نچي جينل سان ڳالهيون ڪندي مفتاح اسماعيل چيو ته هر ملڪ اسان کان اڳيان نڪري رهيو آهي پر پاڪستان ڏينهون ڏينهن پوئتي پيو وڃي جنهن جو سبب گورننس جو بهتر نه هجڻ آهي. مفتاح اسماعيل چيو ته مقامي سطح تي جڏهن اختيار منتقل نه ٿيندا ته گورننس صحيح نه ٿيندي. اسان کي هيٺين طبقي جي لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي. اڳوڻي ناڻي واري وزير چيو ته اسان جمهوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

عمران خان جي گرفتاريءَ تي حالتون وڌيڪ خراب ٿي وينديون: صدر عارف علوي

عمران خان کي گرفتار ڪيو ويو ته ان تي سخت عوامي ردعمل آئيندو، عمران خان جي گرفتاري تي حالتون وڌيڪ خراب ٿي وينديون

ائين نه ٿيڻ گهرجي ڇو جو سخت عوامي ردعمل ايندو، فواد چوڌري جي معاملي تي پارٽيءَ مون سان ڪو رابطو ناهي ڪيو

سياسي ميدان ۾ حڪومت طرفان ڏيڍ مهيني دوران ڳالهين ۾ ڪائي اڳڀرائي ناهي ڪئي وئي، هن وقت ڪنهن به سطح تي ڳالهيون ناهن ٿي رهيون

عمران خان ڳالهين کان انڪاري ناهي، مان ان جو ذميوار حڪومت کي سمجهان ٿو، منهنجو اسٽيبلشمينٽ سان ڪو رابطو نه آهي

منهنجو خيال هو ته ماڻهو ڳالهين جي ميز تي ايندا، فوج چئي چڪي آهي ته هو هاڻ نيوٽرل آهن، ماڻهو ڳالهين جي ميز تي اچن

سياستدانن کي پاڻ ان خال کي ڀرڻو پوندو، اسحاق ڊار سان ڳالهين جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ٿي هئي، وزيراعظم سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي

لاهور (م ڊ) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو ته عمران خان کي گرفتار ڪيو ويو ته ان تي سخت عوامي ردعمل آئيندو. اسلام آباد ۾ سينيئر صحافين سان ڳالهائيندي صدر جو چوڻ هو ته عمران خان جي گرفتاري تي حالتون وڌيڪ خراب ٿي وينديون ۽ ائين نه ٿيڻ گهرجي ڇو جو سخت عوامي ردعمل ايندو. هن چيو ته فواد چوڌري جي معاملي تي پارٽيءَ مون سان ڪو رابطو ناهي ڪيو ڪيس جنهن نموني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سپريم ڪورٽ ريلوي کي عوامي استعمال لاءِ زمين ليز تي ڏيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

سپريم ڪورٽ پاڪستان ۾ ريلوي جي زمينن جي ليز بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ ڪئي

پاڪستان ريلوي جي ليز ٿيڻ ڪانپوءِ زمينن جي حيثيت تبديل نه ڪئي ويندي، ريلوي جي زمين تي جيڪڏهن پارڪ آهي ان تي اڏاوت نه ڪئي وڃي: سپريم ڪورٽ

پاڪستان ريلوي پنهنجي زمينن بابت پارليامينٽ يا ڪابينا مان قانون سازي ڪرائي، ٻڌڻي دوران پاڪستان ريلوي پنهنجو بزنس پلان به عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ پاڪستان ريلوي کي عوامي استعمال لاءِ زمين ليز تي ڏيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي . سپريم ڪورٽ پاڪستان ۾ ريلوي جي زمينن جي ليز بابت ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بينچ ڪئي. سپريم ڪورٽ پاڪستان ريلوي کي عوامي استعمال لاءِ زمين ليز تي ڏيڻ جي اجازت ڏيندي قرار ڏنو ته پاڪستان ريلوي جي ليز ٿيڻ ڪانپوءِ زمينن جي حيثيت تبديل نه ڪئي ويندي. عدالت چيو ته ريلوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عامر لياقت جي بيواهه دانيا شاهه تي فرد جرم لاڳو

ڪراچي (م ڊ) اڳوڻي ايم اين اي ۽ اينڪر عامر لياقت حسين جي ڪيس ۾ سنڌس بيواهه دانيا شاهه تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو آهي، ڪراچي جي مقامي عدالت ۾ عامر لياقت جون ميبنا وڊيوز وائرل ڪرڻ واري ڪيس تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران جوابدار دانيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سينيٽ اجلاس: پيپلزپارٽي ۽ پي ٽي آءِ سينيٽرز ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (م ڊ) چيئرمين صادق سنجراڻي جي صدارت هيٺ سينيٽ اجلاس دوران پ پ سينيٽر بهرمند تنگي ۽ پي ٽي آءِ جي سيف الله ابڙو وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي، ٻنهي سينيٽرن وچ ۾ منهن ماري سبب ايوان مڇي مارڪيٽ ۾ تبديل ٿي ويو سينيٽ اجلاس کي خطاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

فواد چوڌري خلاف بغاوت جو ڪيس، رضا رباني حڪومت کي صلاح ڏئي ڇڏي

سيڪشن 124 اي، پي پي سي 1860 تحت فواد چوڌري جي گرفتاري بنا جواز آهي: رضا رباني

بغاوت جي الزامن جي معاملي تي منهنجو بل سينيٽ 9 جولاءِ 2021ع تي پاس ڪيو هو

اسلام آباد (م ڊ) اڳوڻي سينيٽ چيئرمين ۽ پ پ جي سينيئر اڳواڻ ميان رضا رباني پي ٽي آءِ ليڊر فواد چوڌري جي گرفتاري بنا جواز قرار ڏئي ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ٿڌ جي شدت ۾ واڌ، تعليم کاتي اهم حڪم جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي ۾ سخت ٿڌ سبب اسڪولن جي وقتن ۾ تبديلي جو حڪمنامو جاري ڪيو ويو آهي

ٿڌ سبب اسڪول صبح ساڍي اٺين وڳي کوليا ويندا: تعليم کاتي طرفان جاري ڪيل حڪم نامو

ڪراچي (م ڊ) صوبائي تعليم کاتي ڪراچي ۾ ٿڌ جي سخت لهر سبب اسڪول کولڻ جي شيڊول ۾ ڦيرڦار ڪري ڇڏي آهي. ڪراچي ۾ سخت ٿڌ سبب اسڪولن جي وقتن ۾ تبديلي جو حڪمنامو جاري ڪيو ويو آهي. تعليم کاتي طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مارچ ۾ پاڪستان ۾ سستو تيل اچڻ شروع ٿي ويندو: مصدق ملڪ

مارچ ۾ سمورن ڪمرشل معاهدن تي صحيحون ٿي وينديون، اينڌڻ سياري لاءِ روس کان ايل اين جي جو معاهدو ڪيو ويندو

روس سان ان ڪرنسي ۾ واپار ٿي سگهي ٿو جيڪا سان وٽ وڌيڪ هوندي، ڪنهن ڪرنسي ۾ تجارت ٿيڻي ان بابت اڃا حتمي فيصلو ٿيڻو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پيٽروليم واري مملڪتي وزير مصدق ملڪ چيو آهي ته مارچ ۾ پاڪستان ۾ سستو تيل اچڻ شروع ٿي ويندو، هن چيو ته مارچ ۾ سمورن ڪمرشل معاهدن تي صحيحون ٿي وينديون، اينڌڻ سياري لاءِ روس کان ايل اين جي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان جي ويجهو موجود ماڻهن ئي پارٽي جي ٻاڙپٽي، انهن مان هڪ پڪڙيو ويو آهي: پرويز الاهي

پي ٽي آءِ وارن کي ڏاڍو سمجهايو ته فلحال ڪم ڪرڻو ڏيو اسيمبلي نه ٽوڙيو پر منهنجي هڪ نه ٻڌي وئي

مان چئي چئي ٿڪجي پيس ته فلحال ڪم ڪرڻ ڏيو، هاڻي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي آهي ڏسو ڪهڙو حشر آهي

ساڍن پنجن مهينن ۾ پنجن سالن جو ڪم ڪيو، ن ليگ وارا هاڻي چون ٿا ته شڪر آهي جو اسيمبلي ٽٽي نه ته اسان جي سياست ختم ٿي وڃي ها

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارن کي ڏاڍو سمجهايو ته فلحال ڪم ڪرڻو ڏيو اسيمبلي نه ٽوڙيو پر منهنجي هڪ نه ٻڌي وئي. لاهور ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي چوڌري پرويز الاهي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: پنجاب جو وڏو وزير چوڌري پرويز الاهي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

مُلڪي معيشت جو ٻيڙو ٻڏڻ وارو، عالمي اداري خبردار ڪري ڇڏيو

لنڊن (م ڊ) مشهور برطانوي رسالي فنانشل ٽائيمز پاڪستان جي معيشت جي باري ۾ لکيو آهي ته پاڪستان معيشت جي ٻيڙي ٻڏڻ جو خدشو آهي، برطانوي رسالي مرجب پاڪستان ۾ بجلي جي بندش غيرملڪي متاستا ٽاٽي جي سخت کوٽ سبب ڪاروبار هلائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نتا چاهيون ته پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ سبب سرحدن جي ٻنهي پاسي لاش ڪرن: حنا رباني ڪر

اسان خطي ۾ رتوڇاڻ نتا چاهيون ڇاڪاڻ ته اسان جي پاليسي واضح آهي ته اسان خطي ۾ امن ۽ استحڪام چاهيون ٿا

اسان کي سياست بدران رياستي پاليسي کي اختيار ڪرڻو پوندو، پاڪستان ۾ اقليتن کي مڪمل مذهبي تحفظ حاصل آهي

ڀارت ۾ اقليتن سان ڏاڍو برو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي، ڀارت جي ناڪاري رويي باوجود پاڪستان امن جي رستي تي هلندو رهندو

اسلام آباد (م ڊ) مملڪتي پرڏيهي وزير حنا رباني ڪر چيو آهي ته اسان بلڪل به سرحدن تي ڇڪتاڻ جي حق ۾ نه آهيون ۽ نتا چاهيون ٿا ته سرحدن تي ڇڪتاڻ سبب ٻنهي پاسي لاش ڪرن. سينيٽ اجلاس ۾ سوالن جي وقفي دوران حنا رباني ڪر چيو ته اسان خطي ۾ رتوڇاڻ نتا چاهيون ڇاڪاڻ ته اسان جي پاليسي واضح آهي ته اسان خطي ۾ امن ۽ استحڪام چاهيون ٿا. اسان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: مملڪتي پرڏيهي وزير حنا رباني ڪر پريس ڪانفرنس ڪندي

اسان جي لاءِ پاڪستان سيڪيورٽي رسڪ آهي: مصطفيٰ ڪمال

ڪراچي جي جڏهن آبادي 98لک هئي ته 209 حلقا هئا، هڪ ڪروڙ 60لک جي آبادي ٿي وئي ته حلقا ڊبل هجڻ گهرجن

اسان ڀارت يا اسرائيل سان تعلق رکيو ٿا، اسان فيبروري جي پهرين هفتي ۾ احتجاج ڪنداسين: ايم ڪيو ايم پاڪستان اڳواڻ

ايم ڪيو ايم جي بغير ڪهڙي به ڪراچي ميئر جي حيثيت نه هوندي، اسان وفاقي حڪومت کي ڇئي رهيا آهيون ته سنڌ حڪومت کي سمجهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته اسان جي لاءِ پاڪستان سيڪيورٽي رسڪ آهي. هن چيو ته ڪراچي جي جڏهن آبادي 98لک هئي ته 209حلقا هئا، جڏهن ته هڪ ڪروڙ 60لک جي آبادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ شازيه عطا مري گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

صحافين جي تحفظ بابت درخواست تي قانون واري سيڪريٽري جي طلبي

ٻڌڻي دوران عدالت قانون واري سيڪريٽري ۽ سنڌ سماءَ واري سيڪريٽري کي 6 فيبروري تي طلب ڪري ورتو

معذرت سان مونکي نيوز پيپر وارو قانون سمجهه ۾ ناهي آيو ته اهو آخر آهي ڇا؟: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس

مسئلو نيت جو آهي، ڪنهن کي هن ڪم لاءِ رٽ پٽيشن ۾ اچڻ جي ضرورت نه هجڻ گهرجي: چيف جسٽس جا ريمارڪس

اسلام آباد (م ڊ) اليڪٽرانڪ ميڊيا جي صحافين لاءِ قانون سازي بابت درخواست تي ٻڌڻي دوران عدالت لاڳاپيل سيڪريٽريز کي طلب ڪري ورتو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت قانون واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سمورين پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون: حافظ نعيم

حڪومت کي مڪاني چونڊون ڪرائڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي، ٽرن آئوٽ تمام گهٽ هو، فارم 11 حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام گهڻو وڙهڻو پيو

اسان جي چونڊ عمل ۾ سڌارن جي ضرورت آهي، جيڪڏهن اهڙي ئي صورتحال عام چونڊن ۾ به رهي ته ان جي شفافيت کي هٽي ڏني ويندي

هو چونڊن ۾ جيڪي خاميون سامهون آيون انهن کي سامهون آڻينداسين، ڪنهن به پارٽي کي اسان جي ضرورت پئي ته مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم چيو آهي ته هو ڪراچي جي ترقي لاءِ سمورين پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. نورحق انسٽيٽيوٽ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم چيو ته حڪومت کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گلگت بلتستان کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ تي آصف زرداري جو شڪريو ادا ڪيون ٿا: عبادت علي

گلگت بلتستان کي هڪ گورننس آرڊيننس جي تحت قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ ڪانپوءِ هيل تائين آئيني صوبي جي حيثيت نه ملي سگهي آهي

آصف علي زرداري جي ڪاوش سان گورنر، وزيراعلي ۽ صوبائي ڪابينا وجود ۾ آئي آهي هن وقت اسيمبلي کي ڪجهه اختيار مليا آهن

گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏيڻ جو لاءِ وفاقي حڪومت ڪميٽيون جوڙي ڪم ڪيو آهي: صوبائي وزير

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي گلگت بلتستان جي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي صلاحڪار وزير عبادت علي ايڊووڪيٽ ۽ پيپلزپارٽي اڳواڻ سائين سڪندر بخت ڪراچي پريس ڪلب پهچي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مُلڪ ۾ ڊالر ڪانپوءِ سون به تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو

اڄ مُلڪ ۾ في تولو سون 4 هزار نو سئو رُپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک پنجانوي هزار پنج سئو رُپين جو ٿيو

عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي مُلهه 11 ڊالر واڌ رڪارڊ ڪئي وئي، سون جي نئين قيمت 1936 ڊالر في اونس آهي

ڪراچي (رپورٽر) مُلڪ ۾ ڊالر ڪانپوءِ سون جو اگهه ۾ تاريخ جي نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. اڄ مُلڪ ۾ في تولو سون 4 هزار نو سئو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ن ليگ اڳواڻ ۽ اڳوڻو ناڻي وارو وزير مفتاح اسماعيل پريس ڪانفرنس ڪندي

آمريڪي ڊالر بي لغام، مُلڪي تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو

ڪراچي (م ڊ) آمريڪي ڊالر جي ريٽ تي لڳل اي ڪيپ ختم ٿيڻ بعد ڊالر پاڪستاني رُپئي جي پيٽ ۾ تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي. انٽربئنڪ ۾ ڪاروباري ڏينهن جي شروعات ۾ ئي آمريڪي ڊالر جي مُلهه ۾ واڌ جو سلسلو جاري رهيو ۽ ڪاروباري جي پڇاڙي ڊالر چويهه رُپيا 54 پئسن جي واڌ سان 255 رُپيا 43 پئسن تي بند ٿيو ڪالهه انٽربئنڪ ۾ ڊالر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ناليوارو مذهبي اڳواڻ غلام حسين شاهه قمبر وارو لاڏاڻو ڪري ويو

غلام حسين شاهه قمبرواري ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ دم ڌُٽي حوالي ڪيو

غلام حسين شاهه قمبر واري جي لاڏاڻي تي سنڌ ۾ سوڳ جي لهر ڇانيل آهي

ڪراچي (م ڊ) ناليوارو مذهبي اڳواڻ غلام حسين شاهه قمبر وارو لاڏاڻو ڪري ويو غلام حسين شاهه قمبرواري ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ دم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچيءَ جي عورتن لاءِ وڏي خبر، سنڌ سرڪار اهم فيصلو ڪري ورتو

ڪراچي (م ڊ) سنڌ سرڪار خاص طور تي عورتن لاءِ ڪراچي ۾ پهرين فيبروريءَ کان پنڪ بس سروس شروع ڪري رهي آهي جنهن ۾ مرد مسافرن جي داخلا تي بندش هوندي. ٽرانسپورٽ کاتي پنڪ بس لاءِ بسن جي خريداري ڪري ورتي آهي، بسون ڪراچي پهچي چڪيون آهن ۽ سروس فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ذريعن موجب عورتن لاءِ خاص پنڪ بس سروس پهرين مرحلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم جلسي کي خطاب ڪندي

عمران خان تي قاتلاڻي حملي جي جاچ لاءِ نااهيل نئين جي آءِ ٽي چئلينج

وفاقي حڪومت، پرنسپل سيڪريٽري ذريعي وزيراعظم ۽ گهرو وزارت کي ڌر بڻايو ويو

وفاق پاران جوڙيل جي آءِ ٽي کي درخواست جي حتمي فيصلي تائين جاچ کان روڪيو وڃي

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف عمران خان تي قاتلاڻي حملي جي جاچ لاءِ نئين جي آءِ ٽي جوڙڻ کي چئلينج ڪري ڇڏيو آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ ڊاڪٽر ياسمين راشد وفاقي حڪومت جي جي آءِ ٽي جي نوٽيفڪيشن کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. ياسمين راشد جي درخواست ۾ وفاقي حڪومت، پرنسپل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

قمبر شهدادڪوٽ ۾ غير حاضر رهندڙ 271 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي نوڪري ڇٽ

ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ صدام حسين فرضن جي ادائيگي ۾ غفلت ڪرڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي

بايو ميٽرڪ ايپ پوائنٽ ۾ غير حاضر رهندڙ 271 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جون پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن

9 انسپيڪٽر، 14 سب انسپيڪٽر، 14 اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز، 58 هيڊ ڪانسٽيبل سميت 186 ڪانسٽيبل شامل

قمبر (رپورٽر) قمبر شهدادڪوٽ ضلعي ۾ غيرحاضر رهندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف سخت ايڪشن وٺندي ڪين نوڪري مان نيڪالي ڏني وئي آهي. خبر موجب ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ صدام حسين فرضن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ حڪومت پاران ڪراچي ۾ عورتن لاءِ گلابي بس سروس هلائڻ جو فيصلو

شروعاتي طور هڪ روٽ ماڊل ڪالوني کان شاهراهه فيصل، ميٽرو پول، آءِ آءِ چندريگر روڊ کان مري ويدر ٽاور تائين آهي، ٻيو روٽ مري ويدر کان آهي

ٽاور ڊسٽرڪٽ سينٽرل کان صدر تائين ٿيندو جيڪو بعد ۾ هلايو ويندو، گلابي بس سروس پاڪستان جي پهرين پبلڪ ٽرانسپورٽ سروس هوندي

شروعاتي مرحلي ۾ گلابي بس سروس لاءِ 8 بسون خريد ڪيون ويون آهن، جيڪڏهن پهريون روٽ ڪامياب ٿيو ته ٻئي روٽ لاءِ بسون تيار ڪيون وينديون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت پهرين فيبروري کان ڪراچي ۾ خاص طور تي عورتن لاءِ گلابي بس سروس شروع ڪري رهي آهي. جنهن ۾ مرد مسافرن کي داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي. ذريعن موجب پهرين مرحلي ۾ ڪراچي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي: شهر جي سمورين اڏاوت کي چيلنج ڪيو ويو آهي: جسٽس عقيل احمد عباسي

اوهان ڪهڙي آيو ۽ ڪهڙي حيثيت سان درخواستن کي داخل ڪندا آيو، مان شهري بطور مفادعامه ۾ درخواستون لڳائيندو آهي: درخواست گذار

اوهان مفاد عامه نه بلڪ بليڪ ميل ڪرڻ جي درخواستون لڳائيندا آيون، اوهان رد ڪريو مان هئي عدالت ۾ لڳائيندا سين: محمود اختر نقوي

اوهان درخواست رد ڪئي تي وڃي اوهان روسٽرم کان پري ٿي وڃيو ورنه سخت حڪم ناموجاري ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس عقيل احمد عباسي تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ غيرقانوني اڏاوت جي خلاف شهري محمود اختر نقوي جي درخواست 10هزار ڏنڊ سان رد ڪري ڇڏي آهي. جسٽس عقيل احمد عباسي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

فواد چوڌري جي گرفتاري تي هيومن رائٽس ڪميشن جو ردعمل اچي ويو

سياسي مخالفن خلاف بغاوت جي قديم قانون جي استعمال جي مذمت ڪيون ٿا

فواد چوڌري مٿان مڙهيل سمورا الزام فوري طور ختم ٿيڻ گهرجن: ايڇ آر سي پي

اسلام آباد (م ڊ) هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان (ايڇ آر سي پي) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ فواد چوڌري جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اتحادي سرڪار ملڪ ۾ چونڊن جي طريقيڪار لاءِ ڊجيٽل آدمشماري تحت حڪمت عملي جوڙي ورتي

وزيراعظم شهباز شريف جي آصف زرداري، مولانا فضل الرحمان ۽ ٻين اتحادين سان ملاقات ۾ ان حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو

حڪومت چونڊون نئين آدمشماري تحت ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪرڻ تي به غور ڪيو آهي: ذريعا

اليڪشن ڪميشن پهريان ئي چڪي چڪو آهي ته نئين آدمشماري ڪانپوءِ نين تڪبندين ۾ ڇهه مهينا لڳي ويندا

اسلام آباد (م ڊ) اتحادي حڪومت شامل جماعتن پاڪستان مسلم ليگ ن، پيپلزپارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي اعليٰ قيادت جي ملاقات ٿي جنهن ۾ عام چونڊن بابت نئين حڪمت عملي تي غور ويچار ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

چوڌري شجاعت کي (ق) ليگ جي صدارت تان هٽايو ويو

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ق) جي صدر چوڌري شجاعت حسين کي پارٽي صدارت تان هٽايو ويو مسلم ليگ هائوس ڊيوس روڊ تي (ق) ليگ جو مشاورتي اجلاس ٿيو جنهن ۾ چوڌري شجاعت حسين کي پارٽي صدارت تان هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو چوڌري شجاعت جي جاءِ تي هاڻي سندس ڀاءُ چوڌري وجاهت حسين کي (ق) ليگ جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه طارق بشير چيما کي هٽائي ڪامل علي آغا کي پارٽي جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل بڻايو ويو آهي.

اسلام آباد: صدر مجلس علماءِ شيعه پاڪستان علامه سيد حسنين عباس پريس ڪانفرنس ڪندي

اولهندي ڪناري اسرائيلي فوج جي فائرنگ، نو فلسطيني شهيد

فلسطين جي اولهندي ڪناري اسرائيلي فوج جي فائرنگ سبب نو فلسطيني شهيد ٿي ويا

اسرائيلي فوج جنين ڪئمپ ۾ ڇاپي دوران فلسطينين کي نشانو بڻايو ويو: فلسطيني صحت واري وزارت

ڪراچي (م ڊ) فلسطين جي اولهندي ڪناري اسرائيلي فوج جي فائرنگ سبب نو فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن. فلسطيني صحت واري وزارت موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

خيبرپختونخواهه جي 15 رڪني نگران ڪابينه حلف کڻي ورتو

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه جي نگران ڪابينه پنهنجي عهدن جو حلف کڻي ورتو گورنر هائوس پشاور ۾ نگران ڪابينه جي حلف برداري تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪي پي جي گورنر حاجي غلام علي وزيرن کان حلف ورتو. ان موقعي تي نگران وڏي وزير اعظم خان سميت صوبي جون اهم شخصيتون ۽ معزز به موجود هئا. خميس جي صبح خيبرپختونخواهه جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاهور: پاڪستان تحريڪ انصاف جو مرڪزي اڳواڻ فرخ حبيب زمان پريس ڪانفرنس ڪندي

دادو ۾ گرينڊ هيلٿ الائينس جي سڏ تي صحت کاتي جي ملازمن پاران احتجاج جاري

محمد آچر پنهور- صداقت علي سومرو امتياز احمد چانڊيو امان الله پنهور- عبدالطيف گوپانگ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ٻئي مرحلي جي احتجاج کي به 18 ڏينهن گذري ويا صحت کاتي جي ملازمن نا انصافين جو سلسلو بند نه ٿيو آهي: اڳواڻ

گرينڊ هيلٿ الائينس پاران ڊبل چارٽر آف ڊمانڊ رسڪ الائونس سميت ٻيا مطالبا تسليم ڪري واهر ڪئي وڃي: مطالبو

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) گرينڊ هيلٿ الائينس (G.H.A)سنڌ جي صحت کاتي ۾ ڪم ڪندڙ ملازمن جي گڏيل اتحاد طرفان ٻئي مرحلي ۾ پنهنجن جائز حقن جي حاصلات لاءِ 18 ڏينهن به سول اسپتال دادو ۽ ضلع دادو جي صحت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: صحت کاتي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڀهارا پرسان پورهيت گل حسن
خاصخيلي ۽ علي محمد خاصخيلي
جي گهرن کي باهه لڳي وئي

ٺٽو(بن) ڀهارا لڳ باءِ پاس تي رهندڙ پورهيت گل حسن خاصخيلي ۽ علي محمد خاصخيلي جي گهرن کي اوچتو باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ اک چنب ۾ ٻنهي پورهيت جا گهر ۽ گهرن ۾ رکيل سموري سامان سميت ٻيڻل نئي موٽر سائيڪل بن سڙي رک ٿي ويو. باهه متاثرين هن وقت کُلي آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن جن جي اجان تائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

تنڊو محمد خان ۾ هڪ ئي رات ۾ پنج چوري جون وارداتون، احتجاج

عبدالعزيز قمبراڻي اسلم پٽي الطاف قمبراڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

شهر ۾ هر روز چورن جو آزار وڌي ويو آهي، پوليس خاموش ٻڌيل آهي: مظاهرين

تنڊومحمدخان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) تنڊومحمدخان جي لاڪات استاب ته هڪ ئي رات ۾ پنج دڪاندارن مان چورين جي وارداتن جي خلاف دڪاندارن پريس ڪلب تنڊومحمدخان آڏو رضوان ,عبدالعزيز قمبراڻي اسلم پٽي الطاف قمبراڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ جي هدايتن تي ڪارروايون

ميونسپل ڪاميٽي مورو جي آفيس تي قائم غير قانوني ٽيڪسي اسٽينڊ خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

شهر جي مختلف هنڌن تي خالي ڪيل زمين تي سبزي ۽ ميوي جا اسٽال لڳايا ويندا: اسسٽنٽ ڪمشنر

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر مورو حسن ظفر, سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي ضمير حسين بروهي ۽ اينٽي انڪروچمينٽ فورس, ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: اي سي ميونسپل ڪاميٽي جي آفيس تي قائم غير قانوني ٽيڪسي اسٽينڊ جو دورو ڪندي

شڪارپور ۾ يونين آف جرنلسٽس پاران وفاقي حڪومت جي ميڊيا دشمن پاليسين خلاف مظاهرو، ڌرڻو

صدر آغا اسرار پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ وفاقي حڪومت جي ميڊيا دشمن پاليسين، پيمرا ايڪٽ ۾ تازيون ترميمون ۽ ٻين مطالبن لاءِ احتجاج ڪيو ويو

اسلم جتوئي، عتيق ڏڪڻ، عبدالبصير سومرو، فياض سومرو، فرحان مرتضيٰ، آغا بابر، مير احمد سميت صحافين جو وڏو انگ موجود هو

ايف آءِ اي ذريعي صحافين خلاف ڪوڙا ۽ بي بنياد ڪيس داخل ڪرڻ ۽ ڪين حراسان ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور يونين آف جرنلسٽس پاران وفاقي حڪومت جي ميڊيا دشمن پاليسين خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو تفصيل موجب پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ)جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ آل سنڌ روينيو
ايمپلائيز ايسوسيئيشن پاران
احتجاج ۽ هڙتال

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) مختيارڪار قاسم آباد تي ميبينا تشدد ۽ ڪوڙي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف بدين ۾ روينيو ملازمن طرفان ڪم ڇڏ هڙتال آفيسن کي تالا ڊي سي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو تفصيل موجب مختيارڪار قاسم آباد الطاف ڪوريجو تي وڪيلن طرفان ميبينا تشدد تشدد ۽ ڪوڙي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

شڪارپور: شڪارپور يونين آف جرنلسٽس پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

واره پرسان چونڊيل نمائندن جي نااهلي ۽ غفلت سبب شهر سهولتن کان وانجهيل

هن وقت تائين شهر کي باءِ پاس به نه ملي سگهي، انتظاميه شهر جي مسئلن طرف ڪو به ڌيان نه ڏنو

هن وقت واره تعلقو پٽ تي پيل علائقو آهي ڪنهن ٽائم هي صدر تعلقو هوندو هو: رهواسي

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره انگريز جي دور کان صدر تعلقي جي حيثيت رکندڙ تعلقو واره انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندن جي نااهلي ۽ غفلت سبب تمام تر بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل هن وقت تائين شهر کي باءِ پاس به نه ملي سگهي آهي جنهن سبب مجبورن لوڊ ڪئي ايندڙ ويندڙ گاڏيون شهر اندران گذر ڪرڻ لڳيون وڏين گاڏين جو شهر جي اندر اچڻ سبب شهر واسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏهرڪي شهر ڪافي مسئلن جي ور چڙهيل آهي: جام زاهد حسين

پنهنجي وڏن وانگر مان به ڏهرڪي جي جوڙهن ئي وارڊن ۾ وارڊ وائيز ترقياتي ڪم ڪرائيندس

شهر ۾ اسٽريٽ لائيٽ جو به مسئلو آهي ان کي به بهتر بڻايو ويندو: ميڊيا سا ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ:لالچند موتواڻي) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو: جنگشاهي هاءِ اسڪول جي گرائونڊ تي منعقد ڪرايو ويو

فائنل ميچ ۾ جنگشاهي اليون ۽ ڪوهستان ست ياڳي چار اليون ٽيمن ۾ سخت مقابلو ٿيو

سماجي برائين کان بچڻ لاءِ پروگرام ضروري آهن، جن سان معاشرو صحتمند رهندو: اڳواڻ

ٺٽو(بن) نوجوانن کي راندين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ جنگشاهي ڪوهستان ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل مئچ جنگشاهي جي سماجي اڳواڻ چيف آرگنائيزر پير غلام حسين شاهه پاران جنگشاهي هاءِ اسڪول جي گرائونڊ تي منعقد ڪرايو ويو. جنهن ڪرڪيٽ جي فائنل ميچ ۾ جنگشاهي اليون ۽ ڪوهستان ست ياڳي چار اليون ٽيمن وچ ۾ سخت مقابلو ٿيو مقابلو جنگشاهي اليون ونر ڪپ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

گڏجاڻي ۾ ڊي پي ڊي سي ون نجيب الرحمان جمالي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر شير محمد نوحيزو ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

هلندڙ پوليو مهم دوران اوچتا دورا ڪري پوليو ٽيم جي ڪم جي جاچ ڪئي وڃي: ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان

هي قومي ڪاز آهي سياسي سماجي اڳواڻن کان پڻ اپيل آهي ته جيئن ضلعي ۾ هڪ به رفيوزل باقي نه رهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

دادو ۾ نافرمان پٽ پيرسن
پيءُ تي تشدد ڪري
گهران ڪڍي ڇڏيو

دادو(سنڌيار) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

بدين: ڊي سي آغا شاهنواز خان جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

بدين ۾ فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

[illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شڪارپور ۾ مال پڙي مان موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ خلاف احتجاج

متاثرن مين روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرٽو روڊ بند ڪري ڇڏيو

پوليس ڳالهيون ڪري موٽر سائيڪل واپس ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي

[illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو محمد خان: وڏنڊڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

دادو ضلعي انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندن جي بي ڌياني سبب شهر گٽرن جي پاڻي سان ٻرجي ويو

رهواسين پاران لکت ۾ ڪيترائي ڀيرا ميونسپل ڪاميٽي جي انتظامي عملدارن جي شڪايتون ڪيون پر تدارڪ نه ٿيو

شهري ٻانهيرو گندو پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪرشنگ وڏي لڳا پر ڪارڪردگي پاڻي سندن گهرن ۾ گهڙي پيو آهي: سماجي اڳواڻ

شهر جي وارڊ نمبر 7,6 جا رهواسي پنهنجن معصوم ٻچڙن سميت گندگي جي آزار خلاف احتجاجي تحريڪ هلائيندا سين

دادو(سنڌيار) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سڄاول ۾ وفاقي حڪومت پاران
صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل
ڪرڻ خلاف مظاهرو

سڄاول (رپورٽ) [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو: ميونسپل ڪاميٽي جي وارڊ نمبر 6 ۾ گندگي جو ڍير، ٻئي طرف گندو پاڻي نيڪال ڪندي

ٺٽي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ پاران پيڪا آرڊيننس خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد حسن خشڪ، اڪبر دلوائي، اعجاز وارثي، اسماعيل ميمڻ، شبير پٽي ۽ ٻين احتجاج ڪيو، نعريبازي

پوري ملڪ اندر حق، سچ لکندڙ صحافين مٿان هٿ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪرائي سچ لکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

پيڪا آرڊيننس ۾ ترميمون قلم دشمن پاليسيون آهن، جيڪي فورن منسوخ ڪري صحافين مٿان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن

ٺٽو(بن) پاڪستان فيبرل يونين آف جرنلسٽ ضلعي ٺٽي طرفان پوري ملڪ جي صحافين تي هٿ ٺوڪيا ڪيس داخل ڪرڻ توڙي پيڪا آرڊيننس خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو پريس ڪلب ٺٽو تي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ ٺٽو جي اڳواڻ صدر خدابخش بروهي، راجا تنوير خاصخيلي، پريس ڪلب مڪلي جي صدر احمد حسن خشڪ، اڪبر دلوائي، اعجاز وارثي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

غوثپور مان اغوا ٿي ويل 5 مغوين جي بازيابي لاءِ پوليس پاران ڪچي واري علائقن ۾ آپريشن

5 مغوين زاهد عمراڻي- سڪندر عمراڻي- پورل عباسي- اصغر گهانچو ۽ سيد اصغر شاهه جي بازيابي لاءِ آپريشن ڪيو ويو

آپريشن جي دوران ڌاڙيلن پوليس جي گاڏين کي ڏسندي ئي پوليس جي گاڏين مٿان سڌي فائرنگ ڪري ڏني: پوليس

بازياب ٿيل مغوين جي وارثن کان پنجن ئي اغوا ڪار ٽولي پاران فون ڪري وارثن کان هڪ ڪروڙ پنگ پڻ طلب ڪيو ويو هو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ڏيڊ مهينو اڳ غوثپور ٿاڻي جي حد مان مين انڊس هاءِ وي تان اڻ ڄاتل هٿياربندن هٿان ميبينا طور اغوا ٿي ويل لاڙڪاڻي ۽ قمبر شهدادڪوٽ واسي 5 مغوين زاهد عمراڻي سڪندر عمراڻي پورل عباسي اصغر گهانچو ۽ سيد اصغر شاهه جي بازيابي لاءِ ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس جوسي آئي انچارج شوڪت علي شاهاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

انشاءَالله جلد ابڙال هاءِ اسڪول ۾ ڪرائي تدريسي عمل شروع ڪرائيبو: عبدالعزيز سومرو

لاڪپور يونين ڪائونسل جي عوام کي سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ منهنجي پهرئين ترجيح آهي

سمورن اميدوارن کي لاڪپور يونين ڪائونسل جي چئني وارڊن تان وڏي اڪثريت سان ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي

يونين جي رهندڙ سمورن ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وينديون، انشا عوام جي اميدن تي پورو لهنداسين: ڳالهيون

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) لاڪپور يونين ڪائونسل تي آزاد حيثيت ۾ وڏي اڪثريت سان چئرمين جي سيٽ تي ڪاميابي ماڻيندڙ عبدالعزيز سومرو پريس ڪلب دڙو جي ٽيم سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته لاڪپور يونين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دڙو: لاڪپور تي آزاد حيثيت ۾ چونڊيل چيئرمين عبدالعزيز سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي

دادو ۾ حيدرآباد جي قاسم آباد
مختيارڪار سان وڪيلن جي ڪيل
بدڪلامي خلاف مظاهرو

دادو (رپورٽر) دادو حيدرآباد جي قاسم آباد مختيارڪار سان وڪيلن جي ڪيل بدڪلامي خلاف روينيو ڊپارٽمينٽ جي سب رجسٽرار آفيس جي ملازمن آفيس جي تالابندي ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي ملازمن شاهد سولنگي، نياز سولنگي، رشيد احمد ٿيٻو، سيد ناظر علي شاهه ۽ ٻين صحافين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ ترقياتي ڪمن ۾ انجنيئر پاران ڪرپشن جو انڪشاف

ٺيڪيدار سان ملي ڀڳت ڪري ايڊوانس پيمينٽ چار ڪروڙ رپيا ڪم ٺيڪ ڪان اڳ ئي جاري

شهر جي سياسي سماجي ادبي ڪاروباري مذهبي ۽ ٻين ڌرين پاران نوٽيس وٺڻ جي گهر

نوشهرو فيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) نوشهروفيروز شهر اندر پبلڪ هيلٿ جي انجنيئر عنايت ميمڻ رڪارڊ ڪرپشن ڪري رهيو آهي تڪ جي ايم پي اي ممتاز چانڊيو جي اسڪيم تحت آيل چار ڪروڙ رپيا ڪامورن ۽ ٺيڪيدار سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڏهرڪي ۾ پي ايف يو جي مرڪزي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

صدر اشرف مغل، جنرل سيڪريٽري اسد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڊرٽو هنيو ويو، نعريبازي

ملڪ اندر قلم جي پورهين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ ناجائز فيصلا واپس ورتا وڃن: مظاهرين

ڏهرڪي (رپورٽ:لالچند موتواڻي) ڏهرڪي ۾ پي ايف يو جي جي مرڪزي سڏ تي ڏهرڪي ۾ قلم ڌڻين جو احتجاجي مظاهرو. شهباز سرڪار خلاف نعريبازي ڪئي وئي. پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي سيڪريٽري فنانس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڏهرڪي: پي ايف يو جي مرڪزي سڏ تي احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ برسات سٽيل خاندانن ۾ مالي سهائتا جا چيڪ تقسيم ڪرڻ واري تقريب

تقريب ۾ نيڪ مردن عاشق حسين خشڪ، محمد اشرف خشڪ، محمد صادق چنا ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب ۾ 125 خاندانن مان هر هڪ خاندان کي 25 هزار روپين جو مالي سهائتا جو چيڪ فراهم ڪيو ويو

25000 هزار جي هڪ قسط متاثرين کي اڳ ئي فراهم ڪئي وئي ۽ ٻئي قسط هاڻي فراهم ڪريون پيا: اڳواڻ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سماجي تنظيم ايوارڊ پاڪستان پاران يوسي خداآباد جي برسات سٽيل 125 خاندانن ۾ مالي سهائتا جا چيڪ تقسيم ڪرڻ واري تقريب ڪوٺائي وئي. تقريب ۾ علائقي جي نيڪ مردن عاشق حسين خشڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو: سماجي تنظيم ايوارڊ پاڪستان جا اڳواڻ متاثرن سان گڏ بيٺل آهن

دادو ۾ وفاقي حڪومت جي
ميڊيا مخالف پاليسين
خلاف احتجاج

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) وفاقي حڪومت جي ميڊيا خلاف پالسن. پيمرا ايڪٽ ۾ هاڻوڪين ترمسن ۽ پيمرا جي پاران پڪا ايڪٽ ۾ ترميمن ختم ڪرڻ ۾ حڪومت جي وعدهِ خلافي. شهد صحافي ارشد شريف جي قاتلن جي گرفتاري ۾ دير سنئير صحافي عماد يوسف کي پنهنجي دفاع جو مناسب موقعو ڏيڻ بغير اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

جي يو آءِ اڳواڻ مولانا سيف الله سمائر مولانا عبدالشڪور انڊڙ استاد امداد الله جوڻيجو ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج ڪيو

ڪينٽ ٿاڻي جي پوليس انتظاميه عوامي تحفظ ڏيڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي: مولانا صف الله سمائر

چورن ڌاڙا پوليس بيوس بڻيل چور گرفتار نه ڪرڻ ۽ امن نه ڪرائڻ پوليس جي نااهلي آهي، واهر ڪئي وڃي

سلطانپور (رپورٽ:قربان علي مهر) سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ وڌندڙ بدامني خلاف جمعيت علماءِ اسلام ۽ علائقي واسين طرفان احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندڙن ٻڌايو ته ڪينٽ ٿاڻي جي حد ۾ چورين روز جو معمول بڻيل چورين واپس ڪرائڻ ۽ امن امان بحال ڪرائڻ جو مطالبو جي يوآءِ اڳواڻ مولانا سيف الله سمائر مولانا عبدالشڪور انڊڙ استاد امداد الله جوڻيجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

درگاهه عاليه حسين آباد قمبر شريف جو سجاده نشين غلام حسين شاهه بخاري هميشه لاءِ وڇڙي ويو

اطلاع ملڻ شرط تمام عقيدت مندن ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي واره شهر بند ڪري ڏک جو اظهار ڪيو

مشهور سجاده نشين سيد غلام حسين شاهه بخاري ڏيءِ توڙي پرڏيهه سڃاتو ويندڙ مهشور مذهبي رهنما هو

سائين غلام حسين شاهه بخاري حضرت مٺا سائين رحمة الله عليه جا خليفه هئا سنڌس جو فيض تمام وسيع هو

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره اتر سنڌ جي مشهور وڏي درگاهه عاليه حسين آباد قمبر شريف جي سجاده نشين غلام حسين شاهه بخاري ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويا اهڙو اطلاع ملڻ شرط تمام عقيدت مندن ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي واره شهر بند ڪري ڏک جو اظهار ڪيو سيد غلام حسين شاهه بخاري ڏيءِ توڙي پرڏيهه سڃاتو ويندڙ مهشور مذهبي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهرو فيروز ۾ مٺياڻي روڊ جي ڪاندارن پاران احتجاج

شهيد پٽو اڳواڻ خالد چانڊيو بشارت ڪوسو شعبان ڪوسو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گندي پاڻي جي آزار سبب سخت پريشان آهيون، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي: مظاهرين

نوشهرو فيروز (رپورٽ:اسد علي عمراڻي) ٻي ٻي شهيد پٽو تعلق نوشهرو فيروز ۽ ايس ٽي ٻي تعلق نوشهرو فيروز ۾ مٺياڻي روڊ جي ڪاندارن گڏجي مٺياڻي روڊ جي گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ الله واري چوڪ ڪان ريلي ڪڍي نعري بازي ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران اٽي جي چڪين، فلور ملن ۽ مختلف اسٽالن جو اوچتو دورو

اي سي چڪين ۽ فلور ملن سميت مختلف اسٽالن تي اوچتو ڇاپا هڻي منافعي خوري ڪندڙن تي ڏنڊ لاڳو ڪري ڇڏيو

چڪي مالڪن لاءِ اٽو 107 جڏهن ته فلور مل مالڪن لاءِ 98 رپيا في ڪلو مقرر ڪيو ويو آهي: اسسٽنٽ ڪمشنر

وڌيڪ اڳ تي اٽو وڪرو ڪندڙن کي برداشت نه ڪبو، چڪي مالڪ ۽ فلور مالڪ اٽي جو وڪرو مقرر اگهن تي يقيني بڻائين

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر شفيق احمد آريسر تعلقي ٺٽي ۾ موجود اٽي جي چڪين، فلور ملن ۽ مختلف اسٽالن جو اوچتو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر پاران اوپن مارڪيٽ ۾ چڪي مالڪن لاءِ اٽي جو اڳ 107 روپيه جڏهن ته فلور مالڪن لاءِ 98 روپيه في ڪلو مقرر ڪرڻ بابت جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺٽو: اي سي اٽي جي مقرر ڪيل اگهن تي ضابطو آڻڻ بابت مختلف چڪين جو دورو ڪندي

ڪڪڙ پوليس جي خانپور
۾ ڪارروائي، 2 جوابدار گرفتار
ڪري ورتا

ڪڪڙ (رپورٽر) ڪڪڙ پوليس جي خانپور ۾ ڪاروائي ٻن جوابدارن کي چوري ٿيل ٻن موٽر سائيڪلن سميت ٻيو سامان سڳ سوڌو گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي گرفتار ٿيل جوابدارن جي سڃاڻپ گوٺ ڪاٺ لشڪر واسي اختر هنگورو ۽ خانپور واسي سخاوت شاهه طور ٿي آهي ڪڪڙ پوليس ايس ايڇ او بشير احمد لاڪير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊو محمد خان ۾ آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن پاران احتجاج

غلام فاروق پٽي توقير قاضي ۽ ٻين جي اڳواڻي ضلعي جي آفيسن جي تالا بندي

وڪيلن مٿان فورن ايڪشن ورتو وڃي ۽ روينيو ملزمن سان انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي مرڪزي صدر سيد سردار حسين شاهه جي هدايت تي مختيار ڪار الطاف حسين ڪوريجو سان وڪلين پاران ڪلي عام دهشتگردي خلاف سموري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز پوليس جي ڪاروائي، 16 موٽر سائيڪلون هٿ، شڪي جوابدار گرفتار

ڊي ايس پي يارمحمد رند ۽ ايس ايڇ او محمد حنيف مهر جي اڳواڻي ۾ پوليس سنيپ چيڪنگ ڪئي

امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ اسان سان تعاون ڪن. ڌاڙيلن کي بخش نه ڪنداسين: پوليس

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز پوليس چيڪنگ دوران 16 شڪي موٽر سائيڪلون هٿ ڪري ورتيون آهن جڏهن ته ٽي جوابدار پڻ گرفتار ڪرڻ جي دعوا پڻ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ اسٽيشن هائوس آفيسر نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائي ۾ هٿ ڪيل موٽر سائيڪلون نظر اچي رهيون آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي سڏ مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو

مظفر رند- قادر شورو- انصار خان اسلم سمون زاهد قريشي- عمر شريف مصطفيٰ ڪاتيار ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج ڪيو

صحافتي ادارن ۽ صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين حراسان ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا: مظاهرين

صحافين هميشه عوامي مسئلن ۽ ملڪن جي حالتن ۽ سرڪاري ادارن ۾ ٿيندڙ ڪرپشن، کي وائکو ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ ۽ PFUJجي سڏ تي صحافين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو مظاهري ڪ خطاب ڪندي صحافين غلام نبي ڪيرو رمضان شورو امتاز مگرو مظفر رند قادر شورو انصار خان اسلم سمون زاهد قريشي عمر شرف مصطفٰ ڪاتار بشرچشتهٰ اشرف عمراڻي ڳالهائيندي چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان:حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي سڏ مطالبن جي مڃتا لاءِ اڳواڻ احتجاج ڪندي

گمبٽ جي گمس اسپتال جو
نالو هاءِ ڪورٽ سکر بحال
ڪري ڇڏيو

گمبٽ(رپورٽر) گمبٽ جي گمس اسپتال جو نالو هاءِ ڪورٽ سکر بحال ڪري ڇڏيو گمبٽ جي شهرين ۾ خوشي جي لهر هڪبئي کي مٺايون کارائي مبارڪون ڏنيون. ان سلسلي ۾ وڪيل نثار احمد پنهور رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته سنڌ حڪومت گمبٽ گمس اسپتال تي پير عبدالقادر شاهه جيلاني انسٽيٽيوٽ نالو رکيو هو جيڪو / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوان جتوئي جي صحافي شعبان علي ابڙو جي گهران چوپايو مال چوري ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

درس ٿاڻي جي حد ۾ چور آواز ٽي وي جي رپورٽر الهرکيو عرف شعبان ابڙو جي گهر مان چوپايو مال چوري ڪري ويا: مظاهرين

صحافي جي گهر ڀاتين تي تشدد ڪري رتو رت ڪري ڇڏيو، هڪ هفتو گذرڻ باوجود صحافي سان انصاف نه ٿي سگهيو آهي

جيڪڏهن صحافي سان انصاف نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوان جتوئي شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني ۽ آواز ٽي رپورٽر صحافي شعبان علي ابڙو جي گهران چوپايو مال چوري ٿيڻ ۽ گهر ڀاتين تي تشدد ڪرڻ خلاف نوان جتوئي ۾ صحافين، سياسي، سماجي اڳواڻن پاران ريلي بعد احتجاجي مظاهرو ڪندي اڳوڻن ڳالهائيندي صحافين سياسي ۽ سماجي اڳواڻن جرجوڻ هو ته درس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

خانپور مهر ۾ وفاقي حڪومت پاران ميڊيا ڪش پالسين ۽ اظهار جي آزادي تي پابندي خلاف مظاهرو

نواب ميراڻي ,ياسين ميراڻي ,انور ملڪ ,مير منظار چنو ,منصور سيال, صدام بلوچ ,علي دوست, علي ملڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

وفاقي حڪومت ميڊيا جي آواز کي دٻائڻ چاهي ٿي، جيڪا ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي : مظاهرين جون ڌانهون

ملڪ جي صحافين هميشه عوامي مسئلن , ملڪ جي حالتن سميت مختلف اشوز تي پاڻ ملهايو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

خانپورمهر(رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر وفاقي حڪومت پاران ميڊيا ڪش پالسين ۽ اظهار جي آزادي تي پابندين خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي خانپورمهر جي صحافين احتجاجي مظاهرو ڪيو خانپورمهر جي قلم ڌڻين عظيم سيال, آفتاب سيال شهزادو لاڙڪ, ميهر مهر, نواب ميراڻي ,ياسين ميراڻي ,انور ملڪ ,مير منظار چنو,منصور سيال, صدام بلوچ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمعو 27 جنوري 2023ع

ملڪ ۾ وري ڌمڪين ۽ گرفتارين جي سياست

پنهنجو ملڪ خير سان پنهنجي قيام جا 75 سال مڪمل ڪري ۽ 76هين سال ۾ داخل ٿي چڪو آهي پر انهن سمورن سالن مان هر سال جي تاريخ تي نظر پوندي ته اهوئي نظر ايندو ته ڪو سال اهڙو ناهي جڏهن اسان جو ملڪ انارڪي، افراتفري، ڏڦيڙ، دشمني واري سياست، هنگامن جو شڪار نه رهيو هجي ۽ جڏهن ملڪ مان اهي صدائون نه آيون هجن ته ملڪ انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيو آهي ۽ هن وقت ملڪ کي امن ۽ استحڪام جي ضرورت آهي. پر انهن سمورن سالن ۽ ڏهاڪن ۾ اسان جي ملڪ کي امن ۽ استحڪام نه ملي سگهيو آهي. 1947ع ۾ ڀارت سان ڪشمير تي ٽڪراءُ، وري قائداعظم هٿان آرمي چيف جي برطرفي، قائد اعظم جو موت، وري ٻئي آرمي چيف جي برطرفي، لياقت علي خان جو موت، سياسي عدم استحڪام سبب هڪ مٿان ٻئي وزيراعظم جي آمد ۽ پوءِ اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت، غلام محمد ۽ اسڪندر مرزا جو اقتدار ۾ اچڻ. پردي پويان اسٽيبلشمينٽ جي اشارن تي تبديليون اچڻ ۽ آخرڪار ايوب خان جي سڌي مداخلت سان فوج جي پهريون ڀيرو حڪومت قائم ٿيڻ. ملڪ ون يونٽ جي نالي تي بنگال جي اڪثريت کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ ۽ ان فيصلي خلاف عوام جو احتجاج ڪندي رستن تي نڪري اچڻ ۽ ون يونٽ کي رد ڪرڻ. سياسي جدوجهد جو هلڻ، ٻولي جي تحريڪ، ووٽرلسٽن جي سنڌي ۾ ڇپائي، فوجي ڪمان ۾ تبديلي، 1965ع واري جنگ، يحيٰ خان جي رنگين فوجي قيادت، 1971ع جا واقعا ۽ بنگلاديش جو وجود وٺڻ. 1973ع جو آئين جڙڻ، ان تي اختلاف، ترميمون، ڀٽو دور ۾ سياسي جدوجهد، ضيا جي آمريت، افغان پناهگيرن جي ڪري ملڪ ۾ منشيات ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر جي آمد. دهشتگردي جو اسرڻ، فرقيواريت ۽ لسانيت جي نفرت جو وڌڻ. وري غيرجماعتي بنيادن تي چونڊون، اها حڪومت به 3 سالن اندر ختم ٿي وڃڻ، ان بعد 1999ع تائين حڪومتن جو مدو پورو نه ڪرڻ ۽ سياسي افراتفري، مشرف جو دور، دهشتگردي جو عروج، بينظير ڀٽو جو قتل، سياسي حڪومتن جي واپسي باوجود سياسي استحڪام نه اچڻ اهي معاملا آهن جيڪي اسان جي تاريخ جو حصو آهن. اسان جي اها تاريخ لڳي ٿو ته ڪٿي ڏنگ نه ٿي ڪري ۽ اسان هڪ چوراهي تي بيٺا آهيون ۽ ٿوري ٿوري وقت بعد وري وري اچي ساڳئي هنڌ تي پهچون ٿا. هاڻ وري اسان اهو ٻڌي رهيا آهيون ته ملڪ کي استحڪام کپي، پر اهو استحڪام ملي نه رهيو آهي. گذريل چئن سالن کان جيڪا اسيمبلي قائم آهي ان جي ڪري ملڪ وري افراتفري جو شڪار ٿيو آهي. عمران خان جي دور ۾ سياسي مخالفن کي نشانو بڻايو ويو. اپوزيشن ليڊر جي گهر ۾ پوليس جو داخل ٿيڻ، حڪومت مخالف اڳواڻن جي گهرڀاتين جي گرفتاري، عورتن کي جيل ۾ وجهڻ، انهن خلاف بدڪلامي ڪرڻ، الزام هڻائڻ، ذاتي الزام هڻڻ جي ڪا ڪوٽ نه رهي. 2022ع ۾ عمران حڪومت ختم ٿي ته 13 پارٽين جي حڪومت آئي اميد ڪئي وئي ته هاڻ استحڪام اچي ويندو پر اهو خواب هڪ ڀيرو وري چڪنا چور ٿي ويو. وري به سياسي انتقام، سياسي گرفتاريون، ماڻهو کڻي وڃڻ، ڪٽڻ، صحافين جون گرفتاريون، ميڊيا ادارن جي بندش، اپوزيشن ڀاران حڪمرانن کي، اسٽيبلشمينٽ کي، آفيسرن کي، جنرلز کي غدار قرار ڏيڻ، پاڻ کانسواءِ ڪنهن کي ملڪ جو سڄڻ نه سمجهڻ وارو ساڳيو سلسلو جيڪو 2018ع جي عام چونڊن بعد قائم ٿيو هو اهو جاري آهي. ڪالهه پي ٽي آءِ جي اهم اڳواڻ فواد چوڌري کي گرفتار ڪيو ويو. عمران خان جي گرفتاري جا افواهه پکيڙيا ويا جنهن سان ملڪ وري افراتفري ۾ هليو ويو آهي ۽ اها اميد ختم ٿي وئي آهي ته ڪو ملڪ ۾ امن قائم ٿيندو ۽ استحڪام ايندو جنهن سان معاشي حالتون بهتر ٿينديون. پر حالتون وڌيڪ خراب ٿيڻ جو خطرو آهي. اسان جي سمورين ڌرين کي اپيل آهي ته ان کان اڳ جو دير ٿي وڃي سياسي افهام تفهيم کان ڪم وٺن ۽ جيئو ۽ جيئڻ ڏيڻ ڏيو جي اصول تي ڪم ڪندي ملڪ کي ترقي ڪرڻ ڏين ته عوام جي ڀلائي ٿي سگهي.

ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون

مهر فقير

اڄو ته اڄ اوهان کي پنهنجي ڳوٺ جو هلڪو ڦلڪو تعارف ڪرايان جتي منهنجو جنم ٿيو ها ته هي آهي منهنجو ڳوٺ ڪاهي هي ڳوٺ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ به هيو چون ٿا ته جڏهن انگريزن شڪارپور کان ٻڍڙهي ياسين ڏانهن حملي خاطر رخ ڪيو ته ان وقت ٻڍڙهي ياسين جي بابڙن ۽ درانين شهر ۽ آس پاس جي عوام سان ملي ڪري انگريزن جي رستا روڪ خاطر هتي ڪاهي ڪوٽڙائي جنهن ڪري بعد ۾ هتي آباد ٿيندڙن هن ڳوٺ جو نالو ڪاهي رکيو پر ڪي جهونڙا چون ٿا ته هتي سنڌن جا وڏڙا انگريزن کان اڳ به آباد هيا سو انهن ڳالهين منجهه ڪيتري صداقت آهي سا ته رب کي خبر ها باقي هن ڳوٺ ۾ انهيءَ وقت کان وٺي اڄ تائين سڀ جا سڀ مهر ذات وارا ماڻهو رهن ٿا هي ڳوٺ ٻڍڙهي ياسين کان سڏ پنڌ تي شڪارپور ويندڙ انڊس هاءِ وي روڊ جي اتر ۾ ۽ مصري واهڻ جي بلڪل ئي آمهون سامهون آهي

هن ڳوٺ جي اڳيان يعني مهڙ ۾ ۽ روڊ جي پرسان ئي هڪ تمام قديم قبر آهي جيڪا اسان پنهنجي ساڃهه کان وٺي ڏسندا پيا اچون پر اها خبر ناهي ته اها قبر ڪنهنجي آهي جڏهن ته وڏڙن جي زباني ٻڌندا ايندا آهيون ته اها قبر رمضان فقير نالي راهه مسافر جي آهي جيڪا ڳوٺاڻن پڪين سرن سان ٺهرائي آهي ۽ مٿس پڙ به وڌا ويندا آهن ته اسلامي سال جي خاص ڏينهن تي ڏيئا پڻ ٻاريا ويندا آهن مگر هيل تائين اتي ڪنهن به ڪا باسي ڪو پٽ ناهي گهريو جو ته ڳوٺ وارن جو پڪو ايمان آهي ته پٽ يا ڌيءَ ڏيڻ واري ذات رب جي آهي وري به جس آهي ڳوٺ وارن کي جيڪي ان راهه مسافر جي قبر جي اڄ به سنڀال ڪيو اچن ٿا

هتي ڳوٺ جي سامهون روڊ جي ٻي پار ڪوڙا خان مهر ميڊيڪل سينٽر به تعمير ٿي رهيو آهي جتي سائين ڪوڙا خان جا پٽ ڊاڪٽر اشفاق احمد مهر ۽ ڊاڪٽر ماجد علي مهر هاڻي به مريضن جي علاج خاطر موجود هوندا آهن هن ڳوٺ ۾ پهريان اسڪول نه هيو انهيءَ ڪري ڳوٺ جا ٻار سامهون واري مصري واهڻ ڳوٺ يا وري ٻڍڙهي ياسين ۾ پڙهڻ ويندا هياسون پر 17.11.1990 کان سائين حاجي الهداد مهر جي مهربانين سان سنڌس جي ئي زمين تي سرڪاري خرچ سان پرائمري اسڪول ٺهيو جتي هاڻي ڳوٺ جا ٻار تعليم حاصل ڪندا آهن جڏهن ته ماسترياڻين خاص ڪري هيڊ مسٽريس ريحانه پروين مهر جي اڻٿڪ محنت ۽ ٻارڙن جي وڌندڙ انگ کي مدنظر رکندي حڪومت ۽ وزارت تعليم هن اسڪول کي پرائمري کان اپگريڊ ڪري اٺين درجي تائين وڌايو آهي جيڪا نهايت ئي خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ۽ ان سان ويتر ئي تعليم جو معيار بلند ٿيندو.

ياد ٿو اچي ته جڏهن اسان ننڍا هوندا هئاسون تڏهن هتي ڪنيرن جي آوي هوندي هئي جتي چڪ تي ڪنير جيڪي مٽيءَ منجهان هر قسم جي ٺڪر جا ٿانون جهڙوڪ ٻاٽيون ، ڏيئا ، چاڏيون ، ڪُنيون ، ٻاٽوڙا ، مٽ ۽ دلا وغيره ٺاهي شهر ۾ وڪرو ڪندا هيا پر پوءِ وقت جي بدلاءَ ڪري اهي ڪنير هي ڳوٺ ڇڏي ويا ۽ ان جاءِ تي هاڻي گهر تعمير ٿي ويا آهن.

هڪ ڏينهن ڪچهري ڪندي جاسم مهر ماضيءَ جي ورقن کي ورائيندي چيو ته جڏهن توهان نه ڄايو هئين تڏهن تنهنجي پيءُ ۽ چاچن جو هتي تيل جو گهاڻو به هيو ته وري ڳڙ منجهان کنڊ به ٺاهي ويندي هئي جيڪي هو هتان ڏاند گاڏين تي شڪارپور وڃي واپاريندا هئا . ۽ ايئن جڏهن پاڻي جي ڳالهه نڪتي ته چيائين ته هتي هن ڳوٺ ۾ نلڪن جي وجود کان اڳ هڪ کوهه هوندو هيو جتان ڳوٺ جون عورتون ۽ مرد پاڻي ڀري ڪتب آڻيندا هيا ها بلڪل اهو کوهه اسان ڏٺوسين جيڪو هاڻي ختم ٿي ڪري پورجي ويو آهي .

هتي جيڪڏهن بجلي بابت لکبو ته اسان جڏهن پنجين درجي (پرائمري 01.12.1971 کان 31.03.1977 گورنمينٽ پرائمري اسڪول مصري واهڻ) ۾ پڙهندا هياسون ته ان وقت ماما سڪندر علي جي ڪاوشن سان هي ڳوٺ بجلي جي روشني سان روشن ٿيو هيو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ پهريون ڀيرو اسان ٽي وي به ڏٺي جيڪا ماما آندي هئي جتي شام جو پٽ تي ويهي ٽي وي جي مختلف پروگرامن منجهان لطف اندوز ٿيندا هياسون.

هتي ڪجهه عرصي کان سائين امام بخش مهر جي پٽن جو شفقت پيٽروليم ۽ هوٽل به آهي ۽ جتي وقت تمام تيزي سان ترقي ڪري رهيو آهي اتي ئي روڊ ڪناري تي ڳوٺ جي بلڪل سامهون ئي ماشاءَ الله ريسٽورينٽ ۽ باربي ڪيو به ڪليو آهي جيڪو شهيد عرفان علي مهر جو آهي جتي شهر جا ماڻهو به شهر جي سوڙهين ۽ تنگ گهٽين کان نڪري ڪري ڪليل فضا ۾ سک جو ساهه کڻڻ ۽ چانهن جون چسڪيون ڀرڻ اچن ٿا ڇو ته شهر جي هوٽلن جي ڀيٽ ۾ ٻاهر وارا هوٽل وڌيڪ پرسڪون هوندا آهن.

ڪافي سالن کان هتي بخت علي مهر جو پولٽري فارم آهي ۽ هتان مرغي سڄي شهر کي سپلاءِ ڪئي ويندي آهي انهيءَ کان علاوه سنڌس جو برف خانو به آهي جنهن ڪري گرمي جي موسم ۾ برف جي کوٽ کي پورو ڪرڻ ۾ هن ڪارخاني جو وڏو هٿ آهي ڇو ته اڳ برف شڪارپور کان آندي ويندي هئي يا جيڪي شهر ۾ ڪارخانا هئا اهي شهر جي ضرورت کي پورو نه ڪري سگهندا هيا . ڳوٺ جي پوئين حصي ۾ هڪ وڏي ڪڏ هئي جتي سڄو سال مڇي ٿيندي هئي پر پوءِ اها ڪڏ آهستي آهستي ختم ٿي وئي جتي هاڻي مرحوم غلام نبي مهر جو خاندان آباد آهي.

هن يعني ڪاهي ڳوٺ ۾ سيئي مهر رهن ٿا پر انهن جا پاڙا الڳ الڳ آهن ۽ انهيءَ پاڙاشاهي تحت نفرتن جو نانگ سال جا 365 ڏينهن ڪر ڪنيو هلي ٿو جنهن سبب زمينن يا وري ڳوٺ جي گهٽيءَ تي جهيڙا ٿيندا رهن ٿا هن ڳوٺ ۾ جڏهن هر گهر کي لوڙهو هوندو هيو ته ان دور ۾ گهٽيءَ منجهان بيل گاڏيءَ تي پلال جي ڀنڊ به بآساني گذري ويندي هئي پر جڏهن لوڙهن جي بدلي سيمينٽ جي ديوارين قبضو ڄمايو ته اهي ويڪريون گهٽيون ايتريون ته سوڙهيون ٿي ويون جو هاڻي خالي گڏه گاڏو به لنگهي نٿو سگهي مٿان وري جڏهن کان گهٽي پڪي ٿي آهي ۽ پڪين نالين جو وجود قائم ٿيو آهي ته موٽر بائيڪ به هلائڻ هڪ عذاب جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي ڇو ته گهٽي جيڪا اڳ ئي سوڙهي هئي اتي وري بريڪرن جهڙا دڙا ٺاهي هڪ ٻئي کي تڪليف رسائڻ جا جديد طريقا متعارف ڪرايا ويا آهن جيڪو عمل نهايت ئي ڏکوئيندڙ عمل آهي.

نوڪرين جي حوالي سان هر گهر منجهان مردن سميت ڪافي ڇوڪريون به سرڪاري ۽ غيرسرڪاري نوڪرين سان واڳيل آهن پر پوءِ به ڪو ايڪو اتحاد ناهي پر پوءِ به ڪو ڳوٺ جي ڀلائي خاطر نٿو سوچي ۽ نه ئي ڪو قدم ٿو وڌائي بس هر ڪنهن جا ڳوڏا سنڌس جي پيٽ ڏي ٿا ورن جڏهن ته هجڻ اهو گهربو هيو جو ڪاهي ويلفيئر ايسوسي ايشن جوڙي هن ڳوٺ کي جديد کان جديد سهوليتن سان گڏ مثالي ڳوٺ بڻايو وڃي ها پر افسوس جو سڏ پنڌ تي ٻڍڙهي ياسين شهر هئڻ جي باوجود به هي ڳوٺ گئس جهڙي سهوليت کان محروم آهي ۽ اڄ به ڪاٺين جو استعمال ٿي رهيو آهي يا وري گئس سلينڊر ڪتب آندو پيو وڃي باخبر ذريعن سڌ ڏيندي چيو ته هتي گئس منظور ٿي هئي پر ڳوٺ وارن انڪار ڪندي چيو ته ڪين گئس جي ڪا به ضرورت ڪونهي ڪا افسوس آهي اهڙي ڳوٺ جي اهڙن اهل علم ماڻهن تي جيڪي اڄ به اونداهي جا عاشق بڻجي ڪري جي رهيا آهن يا لڳي ٿو هو اونداهي پسند هئڻ ڪري روشني جا مخالف آهن.

ڳوٺ جي ماڻهن ۾ پل جي مختلف ۽ بي بنياد مسئلن تحت نفرتون ۽ جهيڙا جهڳڙا آهن ان هوندي به سيني ڳوٺ وارن جي هڪ ئي مسجد آهي جتي هو گڏجي نماز پڙهندا آهن ته وري گڏجي ڪري رمضان شريف ۾ تراويحون ادا ڪرڻ سان گڏ ميلاد به ملهائيندا آهن نت اڪثر ڪري ايئن ٿيندو آهي ته جتي جنهن ڳوٺ ۾ محبتون شهيد ٿيل هونديون آهن ته اتي ويڙها ته ويران هوندا ئي هوندا آهن پر پاڙن جي حساب تحت سنڌن مسجدون به جدا جدا هونديون آهن.

آخر ۾ ايترو چوندس ته جيڪڏهن هن ڳوٺ وارا ڪاهي ويلفيئر ايسوسي ايشن جوڙي ڳوٺ جي بهبودي خاطر ڪم ڪن ته هوند هي ڳوٺ هر سهوليت سان مالامال ٿي پوي ۽ هن جديد دور ۾ هي ڳوٺ هڪ شاندار ۽ مثالي ڳوٺ سڏجڻ لڳي دعا آهي ته شال هن ڳوٺ ۾ وري محبتن جا ميلا قائم ٿين ۽ پراڻيون بي بنياد نفرتون ختم ٿي وڃن ته جيئن ايندڙ نسل امن پيار ڀائيچاري واري آزاد زندگي گذاري سگهي.

تڙي طبيبنِ، گهايَلُ گهران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نه ڪَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، پَٽِي نارُ نَپَنِ؛

پاڪستان مان هنرمند ماڻهن جي هجرت

سجاد جتوئي

پاڪستان اهو ملڪ آهي، جنهن جا ماڻهو پنهنجي ديس ۾ رهڻ کي ترجيح نه ٿا ڏين. هتي اگر ڪنهن شخص وٽ وسيلا ۽ واسطا آهن ته هو ملڪ کي ڇڏي وڃي پرڏيهه ۾ رهڻ ۾ ئي ڀلائي سمجهي ٿو. انهن ۾ اسان جا وڏا بزنس مين، پڙهيل لکيل تربيت يافته ماڻهو به اچي وڃن ٿا. ڪجهه اندازن موجب سال 2022ع ۾ تقريبن 765000 ماڻهو پاڪستان ڇڏي ٻاهرين دنيا ۾ آباد ٿيا. انهن مان 92000 قابل انجنيئر، ڊاڪٽر ۽ ٻين پيشن سان وابسته ماڻهو هئا. عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي ته ماڻهن جو ٻاهر وڃڻ ملڪ جي معيشت لاءِ بهتر آهي. ان لاءِ اهو دليل ڏنو ويندو آهي ته پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستاني پنهنجي ملڪ ۾ رهندڙ رشتيدارن لاءِ پيسا موڪليندا آهن. جنهن سان ملڪ جي معيشت کي فائدو رسي ٿو. ان پئسي کي اقتصاديات جي اصطلاحن ۾ ترسيلات زر يا Remittances چيو ويندو آهي. ان ڳالهه ۾ ڪنهن حد تائين صداقت به آهي ته ترسيلاتِ زر ملڪي معيشت لاءِ سودمند آهي. ڇو جو پاڪستان جي مٽاسٽا جي ذخيرن جو هڪ اهم ذريعو ترسيلات زر آهي. بظاهر ته ان ڳالهه ۾ ڪوئي شڪ ڪونهي ته انهن ماڻهن جي ٻاهر رهڻ يا ڪمائڻ سان پاڪستان جي معيشت کي فائدو پهچندو. پر اهو واضح ڪرڻ به ضروري آهي ته ان فائدي جي قيمت به ادا ڪرڻي پوي ٿي. مثال طور، عام پاڪستاني 92000 ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن جي خدمت کان محروم ٿيا آهن. هي اهي انجنيئر ۽ ڊاڪٽر آهن. جن جي تربيت تي حڪومت پاڪستان اربين رپيا ان نيت سان خرچ ڪيا ته هو پنهنجي پيشي ۾ ماهر ٿي ڪري قوم جي خدمت ڪندا.

اگر خدمت واري پهلو کان اهو سوال ڪجي ته ڇا 92000 پروفيشنلز جو ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ملڪ لاءِ حقيقي معنيٰ ۾ سودمند آهي؟ ڇا اهو بهتر نه هجي ها ته اهي ڊاڪٽر توڙي انجنيئر هتي رهي ڪري پنهنجي ماڻهن لاءِ ڪم ڪن ها؟ ڇا ڪو ان جو ڪاٿو لڳائي سگهي ٿو ته انهن جي ٻاهر وڃڻ سان ملڪ کي ڪيترو نقصان ٿيندو؟ هنرمند مزدور (Skilled Labour Force) ٻاهر موڪلڻ سٺي ڳالهه آهي ڇو جو ان کي به برآمدات ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. پر جيڪڏهن اهو اسڪلڊ ليبر فورس ان ملڪ مان ٻاهر وڃي جنهن کي پاڻ کي ان جي شديد ضرورت آهي ته ان عمل کي برآمدات نه بلڪي برين ڊرين (Brain Drain) چيو ويندو آهي. اگر ان فڪري جو سنڌي ۾ ترجمو ڪجي ته ان کي چئبو پڙهيل لکيل هنرمند طبقي جي هجرت.

برين ڊرين جو مکيه ڪارڻ سهولتن ۽ موقعن جي اڻهوند آهي. ماڻهو پنهنجو گهر ۽ ملڪ تڏهن ڇڏڻ ته مجبور ٿيندو آهي جڏهن هن کي سهولتون يا موقعا ميسر نه ٿيندا آهن. پاڪستان مان برين ڊرين جو به اهوئي سبب آهي. هتي روزگار توڙي ڪيريئر جا موقعا صفا نه هئڻ برابر آهن. سواءِ سول سروسز جي هتي اهڙو ڪو به ادارو ڪونهي جنهن ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نوجوانن ۾ جوش هجي. اهوئي سبب آهي جو هتي نوجوانن جي وڏي اڪثريت ٻاهر وڃڻ جي خواهش مند رهندي آهي. هڪ سروي موجب ته تقريبن 60 سيڪڙو نوجوان پاڪستاني ٻاهر وڃڻ جا خواهشمند آهن. ان کان علاوه ملڪ جي امن امان جي صورتحال ۽ ملڪي معيشت به پاڪستان مان برين ڊرين جا اهم سبب آهن. پاڪستان ۾ دهشتگردي ۽ لا ۽ آرڊر جا مسئلا وڏي عرصي کان هلندا پيا اچن. ازانسواءِ، پاڪستان جي معيشت به اصل کان وٺي بري حالت ۾ رهي آهي. امن امان جي بدتر حالت ۽ اڻ سڌرندڙ معيشت جي ڪري به ماڻهو هتان هجرت ڪرڻ چاهين ٿا. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته پاڪستان برين ڊرين کي ڪيئن روڪي سگهي ٿو؟ هي هڪ ڏکيو سوال آهي. جنهن جا ڪيترائي جواب ٿي سگهن ٿا. پر پاڻ صرف ايترو چونداسين ته حڪومت برين ڊرين کي روڪڻ بجاءِ حقيقي مسئلن کي منهن ڏي. جنهن ۾ معيشت جي بري حالت ۽ بدامني سرفهرست آهن. اگر حڪومت ملڪ جي معيشت بهتر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ۽ روزگار جا موقعا، جديد دور جي تقاضائن تي پورو لهندڙ سهولتون مهيا ڪري ٿي ۽ امن امان جي صورتحال کي قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ته يقينن برين ڊرين جهڙو اهم مسئلو پنهنجو پاڻ ئي حل ٿي ويندو. تنهن ڪري هن وقت حڪومت کي اصل مسئلن کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 01

طرز حڪومت ۽ صدارتي سسٽم ڪي ڏٺو آمريت کي به ڏسي ورتو ملڪ ۾ عجيب ايليٽ سسٽم قائم ٿي چڪو آهي. جنهن کي سڌارڻو پوندو هڪ ننڍي ايليٽ ڪلاس پاڪستان جا فيصلا ڪري رهي آهي. اسان به هن سسٽم کي تبديل نه ڪري سگهياسين ان لاءِ اسان به ڏوهاري آهيون. تازو ئي شروع ٿيندڙ نيشنل ڊائيلاگ ۽ نئين سياسي پارٽين جي حوالي سان پڇيل سوال تي مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ چيو ته مان مسلم ليگ (ن) جو ئي حصو آهيان پارٽي منهنجي خلاف ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي پر مستقبل ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو ڪوبه ارادو نه آهي. اسحاق ڊار بابت پڇيل سوال تي مفتاح اسماعيل چيو ته اسحاق ڊار عوام ۾ منهنجي خلاف ڳالهيون ڪيون ۽ منهنجي صلاحيت تي سوال اٿاريا جنهن جو مون جواب ڏنو خبر ناهي ته اسحاق ڊار کي ڇو آندو ويو پر ڊار اهو سوچيو ته شايد هو آءِ ايم ايف کان سواءِ ملڪ کي هلائي سگهي ٿو هن ڪوشش ڪئي جنهن سبب پاڪستان کي وڏو نقصان پهتو حڪومت هاڻ ان ڳالهه تي راضي ٿي وئي آهي ته آءِ ايم ايف جون سخت شرطون مڃڻيون پونديون.

بقايا 02

تحت ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪرڻ تي به غور ڪيو آهي. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ رٿابندي واري وزير احسن اقبال پنهنجي بيان ۾ چيو هو آدمشماري جا نتيجا ٽيهه اپريل تي جاري ٿيندا. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن پهريان ئي چئي چڪو آهي ته نئين آدمشماري ڪانپوءِ نيئن حدبندين ۾ ڇهه مهينا لڳي ويندا جڏهن ته پنجاب جا نوي ڏينهن 14 اپريل ۽ ڪي پي ڪي جا 18 اپريل تي پورا ٿي رهيا آهن.

بقايا 03

ڪري ڇڏيو. 2 فيبروري تي شاهديءَ لاءِ گواهه طلب ڪيا ويا آهن

بقايا 04

هٿڪڙيون لڳايون ويون اهو عمل شرم جوڳو هو صدر چيو ته سياسي ميدان ۾ حڪومت طرفان ڏيڍ مهيني دوران ڳالهين ۾ ڪائي اڳڀرائي ناهي ڪئي وئي. هن وقت ڪنهن به سطح تي ڳالهيون ناهن ٿي رهيون. عمران خان ڳالهين کان انڪاري ناهي. مان ان جو ذميوار حڪومت کي سمجهان ٿو هن چيو ته منهنجو اسٽيبلشمينٽ سان ڪو رابطو نه آهي. منهنجو خيال هو ته ماڻهو ڳالهين جي ميز تي ايندا. فوج چئي چڪي آهي ته هو هاڻ نيوٽرل آهن. هن وقت ملڪ کي ضرورت آهي ته ماڻهو ڳالهين جي ميز تي اچن. سياستدانن کي پاڻ ان خال کي ڀرڻو پوندو هن وڌيڪ چيو ته اسحاق ڊار سان ڳالهين جي حوالي سان خيالن جي ڏي وٺ ٿي هئي. وزيراعظم سان ڪنهن به قسم جي ڳالهه ٻولهه ناهي ٿي. اليڪشن ڪميشن کي گهرجي ته جيڪو فيصلو ڪري اهو ذميواري سان ڪري. پاڪستان ۾ مائنس ون وارو فارمولو ڪڏهن به ڪامياب ناهي ٿيو. انشاءَ الله ملڪ جو ڏيوالو نه نڪرندو.

بقايا 05

ريلوي جي ليز ٿيڻ ڪانپوءِ زمينن جي حيثيت تبديل نه ٿي ويندي. عدالت چيو ته ريلوي جي زمين تي جيڪڏهن پارڪ آهي ان تي اڏاوت نه ڪئي وڃي. پاڪستان ريلوي پنهنجي زمينن بابت پارليامينٽ يا ڪابينا مان قانون سازي ڪرائي. ٻڌڻي دوران پاڪستان ريلوي پنهنجو بزنس پلان به عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته سپريم ڪورٽ جي ليز تي پابندي واري حڪم ڪانپوءِ ريلوي جي 2.5 ارب رپين جي آمدني رڪجي وئي آهي. جسٽس اعجاز الحسن چيو ته ريلوي جي زمين وڪري ڪري نقصان جو پورائو ڪرڻ مسئلي جو حل نه آهي. ٻڌڻي دوران سيڪريٽري ريلوي جو چوڻ هو ته پنشن جي خرچن مان پاڪستان ريلوي جي جند ڇڏايو جنهن تي جسٽس اعجاز الحسن چيو ته ڇا هاڻي ريلوي هر شيءِ لاءِ عدالت ايندو؟ پاڪستان ريلوي پنهنجي قانوني ڊيپارٽمنٽ سان رابطو ڪري.

بقايا 06

معاهدو ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته روس سان ان ڪرنسي ۾ واپار ٿي سگهي ٿو جيڪا سان وٽ وڌيڪ هوندي. ڪنهن ڪرنسي ۾ تجارت ٿيندي ان بابت اڃا حتمي فيصلو ٿيڻو آهي.

بقايا 07

ساڍن پنجن مهينن ۾ پنجن سالن جو ڪم ڪيو. مان چئي چڪي ٽڪيجي ٻيس ته فلحال ڪم ڪرڻ ڏيو هاڻي اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي آهي ڏسو ڪهڙو حشر آهي. هن چيو ته هڪ سال وڌيڪ ڪم ڪيون ها ته ن ليگ وارن کي خبر پئجي وڃي ها. ن ليگ وارا هاڻي چون ٿا ته شڪر آهي جو اسيمبلي ٽٽي ته اسان جي سياست ختم ٿي وڃي ها. چوڌري پرويز الاهي جو چوڻ هو ته خان صاحب جي ويجهو موجود ماڻهن ئي پارٽي جي ٻاڙ ٻٽي. چار پنج ويجهن ماڻهن مان هڪ پڪڙيو ويو آهي. پهريان گرفتار ٿئي ها ته ڪم صحيح ٿي وڃي ها. سندس چوڻ هو ته الله جي ڪرم ۽ عمران خان جي اعتماد سان وڏ وزارت ملي. عمران خان اڃا به پاڪستان جو مقبول ترين سياسي ليڊر آهي.

بقايا 08

پنهنجي هڪ بيان ۾ رضا رباني چيو ته سيڪشن 124 اي، بي پي سي 1860 تحت فواد چوڌري جي گرفتاري بنا جواز آهي. بغاوت جي الزامن جي معاملي تي منهنجو بل سينيٽ 9 جولاءِ 2021ع تي پاس ڪيو هو پر جاتي واٽي اهو بل قومي اسيمبلي مان گم ڪيو ويو هن چيو ته ملڪ جي اها تاريخ رهي آهي ته سياستدان ۽ سويلين خلاف بغاوت ۽ غداري جا الزام مڙهيا ويندا آهن اها به حقيقت آهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ بغاوت جي الزامن تحت خاص عدالت جي ڪارروائي کي ختم ڪري ڇڏيو هو جيڪا آرٽيڪل 6 تحت اڳوڻي صدر پرويز مشرف خلاف هئي. رضا رباني پنهنجي ئي حڪومت صلاح ڏني ته هو ان قلمن تحت ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪري. حڪومت کي گهرجي ته هو پاڻ منهنجي ذاتي بل کي ڏسي جيڪو اسيمبلي ۾ ڪٿي موجود آهي.

بقايا 09

کي سياست بدران رياستي پاليسي کي اختيار ڪرڻو پوندو. هن چيو ته پاڪستان ۾ اقليتن کي مڪمل مذهبي تحفظ حاصل آهي پر ڀارت ۾ اقليتن سان ڏاڍو برو ورتاءُ ڪيو پيو وڃي. سندس چوڻ هو ته ڀارت جي ناڪاري رويي باوجود پاڪستان امن جي رستي تي هلندو رهندو. ايل او سي تي پاڪستان ڀارت وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽتائي آئي آهي. هن ڀارتي وزيراعظم کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو ته برطانوي خبررسان اداري ڀاران ٺاهيل ڊاڪيومينٽري ۾ مودي جي اصل ڪردار کي وائکو ڪيو آهي.

بقايا 10

جانبداري جو ڇو مظاهرو ڪري رهي آهي. حڪومت سياسي ماڻهن جو آواز دٻائڻ جي ڪوشش پئي ڪري. فواد چوڌري کي هٿڪڙيون هڻي چادر ۾ ويڙهي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ڇا اهو انصاف آهي؟ يوسف رضا گيلاني چيو ته فواد چوڌري منهنجي ڪابينا ۾ رهيو آهي. هُن جو معاملو هاڻي عدالت ۾ هلندڙ آهي. نگران حڪومت ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر آئيني پوزيشن ۾ آهن. انهن تي تنقيد نه ٿيڻ گهرجي

بقايا 11

جاري ڪيل حڪمنامي ۾ چيو ويو آهي ته ٿڌ سبب اسڪول صبح ساڍي اٺين وڳي کوليا ويندا. ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽوريٽ انسپيڪشن اينڊ رجسٽريشن پرائيويٽ اسڪول جي ايڊيشنل ڊائريڪٽرز رجسٽريشن ڀاران به حڪمنامو جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا 12

ڏکيو ٿي ويو آهي. جڏهن ملڪي اعليٰ اختيارين وڌندڙ بحران کان بچڻ ۽ آءِ ايم ايف جو پروگرام بحال ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان جي بندرگاهن تي درآمدي شين سان ڀريل ڪينٽينر جمع ٿي رهيا آهن. اختيارين جو چوڻ آهي ته ٽيڪسٽائيل سميت مختلف فيڪٽريون ڪچي مال جي کوٽ ۽ توانائي جي مسئلن سبب بند ٿي رهيون آهن.

بقايا 13

ٿي وڃي ته حلقو ڊبل هجڻ گهرجن. هن چيو اسان پارٽ پاسرائيل سان تعلق رکيو ٿا . هن اعلان ڪندي چيو ته اسان فيبروري جي پهرين هفتي ۾ احتجاج ڪنداسين. جا بلاول مستقبل وزيراعظم ٿيندو ته هو چاهيندو ته ڪراچي جي ان جي خلاف احتجاج ڪري. اهڙي ڳالهين جو اظهار احتساب عدالت جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو آهي. هن چيو اسان ڪراچي جي عوام کي روڊ آڻينداسين. سنڌ حڪومت جي خط جي تحت سيٽون وڌيون وڃن. مڪاني ڪائي جي چونڊين کي ختم ڪري پهرين حدبندي ڪئي وڃي پوءِ چونڊون ڪرايون وڃن. هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي بغير ڪهڙي به ڪراچي ميئر جي حيثيت نه هوندي. اسان وفاقي حڪومت کي چٺي ڪري رهيا آهيون ته سنڌ حڪومت کي سمجهي. آصف زرداري هڪ زيرڪ سياست دان آهي هو حالتن نه سمجهو رهيو آهي. سنڌ حڪومت ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي ته 53 سيٽون گهٽ آهن ان پورو شهر ناهي ويندو آهي . ڪراچي سيني جو آهي بينر لڳائڻ سان ڪجهه نه ملندو.

بقايا 14

سيڪريٽري ۽ سنڌ سماءَ واري سيڪريٽري کي 6 فيبروري تي طلب ڪري ورتو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته معذرت سان مونکي نيوز پيپر وارو قانون سمجهه ۾ ناهي آيو ته اهو آخر آهي ڇا؟ چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته مسئلو نيت جو آهي. ڪنهن کي هن ڪم لاءِ رٽ پٽيشن ۾ اچڻ جي ضرورت نه هجڻ گهرجي سينيئر صحافي حامد مير عدالت کي ٻڌايو ته آئون اليڪٽرانڪ ميڊيا جي لاءِ قانون سازي جي حق ۾ آهيان. جنهن تي جسٽس عمر فاروق ريمارڪس ڏنا ته صحافين کي پگهارن جي ادائيگي ۾ دير وارو به ايشو آهي؟ صحافي حامد مير چيو ته اڪثر صحافين وٽ ته لکت طور ملازمت جو ڪو ثبوت ئي ناهي. پيمرا کي قانون ۾ اختيار ڏنو ويو آهي ته اها صحافين جي حقن جو تحفظ ڪري عدالت قانون واري سيڪريٽري ۽ سنڌ سماءَ واري سيڪريٽري کي 6 فيبروري تي طلب ڪندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 15

مڪاني چونڊون ڪرائڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي. ٽرن آئوٽ تمام گهٽ هو. فارم 11 حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام گهڻو وڙهڻو پيو. نتيجن ۾ دير ڌانڌلي آهي. حڪومت تبديل ٿي وئي آهي هن چيو ته اسان جي چونڊ عمل ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙي ئي صورتحال عام چونڊن ۾ به رهي ته ان جي شفافيت کي هٿي ڏني ويندي. هو چونڊن ۾ جيڪي خاميون سامهون آيون انهن کي سامهون آڻينداسين. حافظ نعيم چيو ته ڪنهن به پارٽي کي اسان جي ضرورت پئي ته مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پي ٽي آءِ سان جيڪا ڪميٽي جوڙي وئي هئي ان ڪم شروع ناهي ڪيو. هاڻي 11 سيٽن تي ضمني چونڊون ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته آر اوز ۽ ڊي آر اوز تازن چونڊن تي اثرانداز ٿيا. اهي آفيسر سنڌ مان نه پر ٻين صوبن مان ڪنيا وڃن. هو ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن کي خط لکي رهيا آهن جڏهن ته هو ٻيهر ڳڻپ بابت اليڪشن ٽربيونل ۾ به ويندا. هر هڪ ووٽ جو تحفظ ڪنداسين. جماعت اسلامي کي ميئر ٿيڻ گهرجي. ڪراچي جي ترقي لاءِ سمورين پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا 16

رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک پنجاهتوي هزار پنج سؤ رپين جو ٿي ويو آهي. ڏهه گرام سون 4201 رپيا واڌ بعد هڪ لک 67 هزار 610 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي مُلهه 11 ڊالر واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي جنهن بعد سون جي نئين قيمت 1936 ڊالر في اونس آهي.

بقايا 17

ڏنيون ۽ گلدستو پيش ڪيو ان موقعي تي وزير عبادت علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گلگت بلتستان کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو شڪريو ادا ڪيون ٿا جنهن 2009ع ۾ گلگت بلتستان کي صوبي جي حيثيت ڏني. هن چيو ته گلگت بلتستان کي هڪ گورننس آرڊيننس جي تحت قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ کانپوءِ هيل تائين آئيني صوبي جي حيثيت نه ملي سگهي آهي. پهريان ڊمي اسيمبلي هئي جيڪا چيف ايگزيڪيوٽو امور ڪشمير جي ماتحت هئي. آصف علي زرداري جي ڪاوش سان گورنر، وزيراعلي ۽ صوبائي ڪابينا وجود ۾ آئي آهي هن وقت اسيمبلي کي ڪجهه اختيار مليا آهن. پر گورننس ايگزيڪيوٽو آرڊر جي ڪري اڃا تائين آئيني صوبو نه آهي. وزير عبادت علي وڌيڪ چيو ته گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏيڻ جو لاءِ وفاقي حڪومت ڪميٽيون جوڙي ڪم ڪيو آهي پر خبر ناهي ڪهڙي سبب جي ڪري ڪميٽين جي سفارشن تي عمل نه ٿي سگهيو آهي. سرتاج عزيز ۽ فروغ نسيم جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽين سفارشون ڏنيون آهن ته گلگت بلتستان کي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نمائندگي ڏني وڃي ته جيئن صدر مملڪت ۽ وزيراعظم جي چونڊ ۾ حصو وٺي سگهن هن چيو ته گلگت بلتستان جو عوام صدر آصف علي زرداري جو ٿورائتو آهي عوام پيپلزپارٽي طرف ڏسي رهيو آهي ۽ اميد لڳائي ويٺا آهن. عام چونڊون ٻين صوبن سان گڏ ڪرايون وڃن ۽ صاف شفاف چونڊون ٿين ته پيپلزپارٽي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ هن وقت به مخالف ڌر جو اڳواڻ پيپلزپارٽي جو آهي. ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ وانگر گلگت بلتستان ۾ ٻي پي پي حڪومت ٺاهيندي چيو ته گلگت بلتستان ۾ پي پي واحد جماعت آهي جنهن جو باقاعده تنظيمي ڍانچو موجود آهي. هن چيو ته چونڊون وفاق سان گڏ نه ٿيڻ جي ڪري مينڊيٽ تقسيم ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ نقصان پهتو آهي ۽ مخالف جماعتن جي حڪومت جي ڪري ترقي ۾ رڪاوٽ آهي. هن چيو ته گلگت بلتستان جي تعليمي شرح 90 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي پر نوجوانن لاءِ نوڪرين جا موقعا تمام گهٽ آهن ۽ پيو ته صنعتي زون نه هجڻ ڪري بيروزگاري وڌيڪ آهي. گلگت بلتستان ملڪ جو ڏورانهون صوبو هجڻ جي ڪري مهانگائي ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي. هن مطالبو ڪيو ته گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏني وڃي.

بقايا 18

230 رپيا 89 پئسن تي بند ٿيو هو واضح رهي ته ڊالر جي اگهه جي بلند ترين سطح 239 رپيا 94 پئسا آهي جيڪا گذريل سال 28 هين جولاءِ تي رڪارڊ ڪئي وئي هئي.

بقايا 19

ڏٺي حوالي ڪيو. هو بيماري سبب ڪراچي جي نجي اسپتال ۾ علاج هيٺ هو حسين شاهه قمبر واري لاڏاڻي تي سنڌ ۾ سوڳ جي لهر ڇانئيل آهي.

بقايا 20

۾ ڪراچي جي ٻن روٽن تي هلائي ويندي. شروعاتي طور هڪ روٽ ماڊل ڪالوني کان شاهراهه فيصل رستي، ميٽروپول، آءِ آءِ چندريگر روڊ کان ميري ويدر ٽاور تائين هوندو. جڏهن ته ٻيو روٽ ميري ويدر ٽاور کان صدر رستي سينٽرل ضلعي تائين ويندو جيڪو بعد ۾ هلايو ويندو. پنڪ بس سروس عورتن لاءِ خاص پاڪستان جي پهرين پبلڪ ٽرانسپورٽ سروس هوندي. شروعاتي مرحلي ۾ اٺ بسون حاصل ڪيون ويون آهن. پهريون روٽ ڪامياب ٿيڻ جي صورت ۾ ٻئي روٽ لاءِ بسون تيار ڪيون وينديون.

بقايا 21

ذريعي وزيراعظم ۽ گهرو وزارت کي ڏر ٻڌايو ويو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرايل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي حڪومت عمران خان تي قاتلاڻي حملي جي جاچ لاءِ غير قانوني طور نئين جي آءِ ٽي ٺاهي آهي. پنجاب حڪومت ڀاران جوڙيل جي آءِ ٽي اڳ ئي واقعي جي جاچ ڪري رهي آهي. ياسمين راشد درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته وفاقي حڪومت ڀاران ٻي جي آءِ ٽي جوڙڻ بدنيتي ۽ غير قانوني قدم آهي. وزير آباد حملو ڪيس ۾ 22 جنوري تي جوڙيل جي آءِ ٽي جو نوٽيفڪيشن غير قانوني قرار ڏنو وڃي. عدالت ۾ داخل درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته وفاق ڀاران جوڙيل جي آءِ ٽي کي درخواست جي حتمي فيصلي تائين جاچ کان روڪيو وڃي.

بقايا 22

جي ادائيگي ۾ غفلت ڪرڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪندي بايوميٽرڪ ايپ پوائنٽ ۾ غير حاضر رهندڙ 271 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جون پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن. غيرحاضر رهندڙن ۾ 9 انسپيڪٽر، 14 سب انسپيڪٽر 14 اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز، 58 هيڊ ڪانسٽيبل سميت 186 ڪانسٽيبل شامل آهن. ايس ايس پي قمر شهداد ڪوٽ ڀاران هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته پوليس آفيسر ۽ اهلڪار بائيو ميٽرڪ حاضري يقيني بڻائيندا ته سندن پگهارون جاري ڪيون وينديون. ان حوالي سان ايس ايس پي صدام حسين جو چوڻ هو ته اهو ايڪشن انتظامي بنيادن تي ورتو ويو آهي. واضح رهي ته غيرحاضر رهندڙ آفيسر هن وقت ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي اهم عهدن تي مقرر آهن.

بقايا 23

عورتن لاءِ گلابي بس سروس ٻن روٽس تي هلائي پئي وڃي. شروعاتي طور هڪ روٽ ماڊل ڪالوني کان شاهراهه فيصل، ميٽرو پول، آءِ آءِ چندريگر روڊ کان مري ويٽر ٽاور تائين آهي. جڏهن ته ٻيو روٽ مري ويٽر ٽاور کان آهي. ٽاور ڊسٽرڪٽ سينٽرل کان صدر تائين ٿيندو جيڪو بعد ۾ هلايو ويندو. گلابي بس سروس پاڪستان جي پهرين پبلڪ ٽرانسپورٽ سروس هوندي جيڪا خاص طور تي عورتن لاءِ هوندي. شروعاتي مرحلي ۾ گلابي بس سروس لاءِ 8 بسون خريد ڪيون ويون آهن. جيڪڏهن پهريون روٽ ڪامياب ٿيو ته ٻئي روٽ لاءِ بسون تيار ڪيون وينديون. گلابي بس سروس جو ڀاڙو 50 رپيا هوندو ۽ 1 فيبروري کان شروع ڪيو ويندو. سنڌ جي ٽرانسپورٽ کاتي پنڪ بس سروس لاءِ بسون خريد ڪري ورتيون آهن. اهي بسون ڪراچي پهچي ويون آهن ۽ سروس فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهن ٻئي طرف سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي جي روٽ نمبر 4، 5، 6 ۽ 7 تي جلد کان جلد بسون هلايون وڃن.

بقايا 24

آهي ته وفاقي حڪومت چونڊون نئين ڊيجيٽل آدمشماري تحت ڪرائڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف جي آصف زرداري، مولانا فضل الرحمان ۽ ٻين اتحادين سان ملاقات ۾ ان حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو. ملاقات ۾ پنجاب ۽ ڪي پي ڪي وارن معاملن تي به مشاورت ڪئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته حڪومت چونڊون نئين آدمشماري تحت ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪرڻ تي به غور ڪيو آهي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ رٿابندي واري وزير احسن اقبال پنهنجي بيان ۾ چيو هو آدمشماري جا نتيجا 30 اپريل تي جاري ٿيندا. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن پهريان ئي چئي چڪو آهي ته نئين آدمشماري ڪانپوءِ نيئن حدبندين ۾ ڇهه مهينا لڳي ويندا جڏهن ته پنجاب جا 90 ڏينهن 14 اپريل ۽ ڪي پي ڪي جا 18 اپريل تي پورا ٿي رهيا آهن.

بقايا 25

رمارڪس ۾ چيو ته شهر جي سمورين اڏاوت کي چيلنج ڪيو ويو آهي. اوهان ڪهڙي آيو ۽ ڪهڙي حيثيت سان درخواستن کي داخل ڪندا آيو. درخواست گذار محمود اختر نقوي چيو ته مان شهري بطور مفادعامه ۾ درخواستون لڳائيندو آهيان. عدالت پنهنجي رمارڪس ۾ چيو ته اوهان مفاد عامه ته بلڪ بليڪ ميل ڪرڻ جي درخواستن لڳائيندا آيون. درخواستگذار جو چوڻ اوهان رد ڪرايو ته پوءِ به عدالت ۾ لڳائيندا آيون. عدالت چيو اوهان درخواست ڪئي ته وڃي ڪهڙي روسٽرم کان پري ٿي رهيو ورنه سخت حڪم نامو جاري ڪيو ويندو

بقايا 26

تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي هڪ بيان ۾ ايچ آر سي پي جو چوڻ آهي ته سياسي مخالفن خلاف بغاوت جي قديم قانونن جي استعمال جي مذمت ڪيون ٿا. فواد چوڌري ان مقدمي بازي جي سلسلي جو تازو ترين شڪار آهي. ايچ آر سي پي موجب فواد چوڌري مٿان مڙهيل سمورا الزام فوري طور ختم ٿيڻ گهرجن. حڪومت کي موجوده حالتن ۾ وڌيڪ ذميواري سان ڪم ڪرڻ گهرجي.

بقايا 27

اسرائيلي فوج جنين ڪئمپ ۾ ڇاپي دوران فلسطينين کي نشانو بڻايو ويو. فائرنگ جي نتيجي ۾ شهيد ٿيندڙن ۾ هڪ پيرسن عورت پڻ شامل آهي. اسرائيلي فوج طرفان ڪئمپ سميت اسپتال تي به ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي شيلنگ ڪئي وئي واضح رهي ته هلندڙ سال اسرائيلي جارحيت سبب شهيد ٿيندڙ فلسطينين جو انگ 29 ٿي ويو آهي

بقايا 28

گورنر غلام علي نگران ڪابينه جي ميمبرن بابت نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو نوٽيفڪيشن موجب عبدالحليم، قصوريه، حامد شاهه، سيد مسعود شاهه، غفران ۽ تاج محمد آفريدي کي نگران سيٽ اپ جو حصو بڻايو ويو آهي. سانول نذير ايڊووڪيٽ، بخت نواز، فضل الاهي، عدنان جليل شفيع الله ۽ شاهد خان به نگران ڪابينه جو حصو هوندا. جڏهن ته ٻين ميمبرن ۾ محمد علي شاهه، جسٽس ريٽائرڊ ارشاد قيصر ۽ منظور خان آفريدي شامل آهن. خيبرپختونخواهه جي گورنر طرفان اعظم خان سان مشاورت ڪان پوءِ نالن کي حتمي شڪل ڏني وئي. گورنر ۽ نگران وڏي وزير اعظم خان وچ ۾ 5 ڪلاڪ ڊگهي ملاقات ۽ مشاورت ڪان پوءِ نگران ڪابينه جي نالن جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته خيبرپختونخواهه جي اڳوڻي وڏي وزير محمود خان کان ڪابينه لاءِ مشاورت نه ڪئي وئي.

بقايا 29

ڏنيون ۽ گلدستو پيش ڪيو ان موقعي تي وزير عبادت علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گلگت بلتستان کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو شڪريو ادا ڪيون ٿا جنهن 2009ع ۾ گلگت بلتستان کي صوبي جي حيثيت ڏني. هن چيو ته گلگت بلتستان کي هڪ گورننس آرڊيننس جي تحت قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ کانپوءِ هيل تائين آئيني صوبي جي حيثيت نه ملي سگهي آهي. پهريان ڊمي اسيمبلي هئي جيڪا چيف ايگزيڪيوٽو امور ڪشمير جي ماتحت هئي. آصف علي زرداري جي ڪاوش سان گورنر، وزيراعلي ۽ صوبائي ڪابينا وجود ۾ آئي آهي هن وقت اسيمبلي کي ڪجهه اختيار مليا آهن. پر گورننس ايگزيڪيوٽو آرڊر جي ڪري اڃا تائين آئيني صوبو نه آهي. وزير عبادت علي وڌيڪ چيو ته گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏيڻ جو لاءِ وفاقي حڪومت ڪميٽيون جوڙي ڪم ڪيو آهي پر خبر ناهي ڪهڙي سبب جي ڪري ڪميٽين جي سفارشن تي عمل نه ٿي سگهيو آهي. سرتاج عزيز ۽ فروغ نسيم جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽين سفارشون ڏنيون آهن ته گلگت بلتستان کي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نمائندگي ڏني وڃي ته جيئن صدر مملڪت ۽ وزيراعظم جي چونڊ ۾ حصو وٺي سگهن هن چيو ته گلگت بلتستان جو عوام صدر آصف علي زرداري جو ٿورائتو آهي عوام پيپلزپارٽي طرف ڏسي رهيو آهي ۽ اميد لڳائي ويٺا آهن. عام چونڊون ٻين صوبن سان گڏ ڪرايون وڃن ۽ صاف شفاف چونڊون ٿين ته پيپلزپارٽي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ هن وقت به مخالف ڌر جو اڳواڻ پيپلزپارٽي جو آهي. ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ وانگر گلگت بلتستان ۾ ٻي پي پي حڪومت ٺاهيندي چيو ته گلگت بلتستان ۾ پي پي واحد جماعت آهي جنهن جو باقاعده تنظيمي ڍانچو موجود آهي. هن چيو ته چونڊون وفاق سان گڏ نه ٿيڻ جي ڪري مينڊيٽ تقسيم ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ نقصان پهتو آهي ۽ مخالف جماعتن جي حڪومت جي ڪري ترقي ۾ رڪاوٽ آهي. هن چيو ته گلگت بلتستان جي تعليمي شرح 90 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي پر نوجوانن لاءِ نوڪرين جا موقعا تمام گهٽ آهن ۽ پيو ته صنعتي زون نه هجڻ ڪري بيروزگاري وڌيڪ آهي. گلگت بلتستان ملڪ جو ڏورانهون صوبو هجڻ جي ڪري مهانگائي ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي. هن مطالبو ڪيو ته گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏني وڃي.

بقايا 30

طرز حڪومت ۽ صدارتي سسٽم ڪي ڏٺو آمريت کي به ڏسي ورتو ملڪ ۾ عجيب ايليٽ سسٽم قائم ٿي چڪو آهي. جنهن کي سڌارڻو پوندو هڪ ننڍي ايليٽ ڪلاس پاڪستان جا فيصلا ڪري رهي آهي. اسان به هن سسٽم کي تبديل نه ڪري سگهياسين ان لاءِ اسان به ڏوهاري آهيون. تازو ئي شروع ٿيندڙ نيشنل ڊائيلاگ ۽ نئين سياسي پارٽين جي حوالي سان پڇيل سوال تي مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ چيو ته مان مسلم ليگ (ن) جو ئي حصو آهيان پارٽي منهنجي خلاف ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي پر مستقبل ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو ڪوبه ارادو نه آهي. اسحاق ڊار بابت پڇيل سوال تي مفتاح اسماعيل چيو ته اسحاق ڊار عوام ۾ منهنجي خلاف ڳالهيون ڪيون ۽ منهنجي صلاحيت تي سوال اٿاريا جنهن جو مون جواب ڏنو خبر ناهي ته اسحاق ڊار کي ڇو آندو ويو پر ڊار اهو سوچيو ته شايد هو آءِ ايم ايف کان سواءِ ملڪ کي هلائي سگهي ٿو هن ڪوشش ڪئي جنهن سبب پاڪستان کي وڏو نقصان پهتو حڪومت هاڻ ان ڳالهه تي راضي ٿي وئي آهي ته آءِ ايم ايف جون سخت شرطون مڃڻيون پونديون.

بقايا 31

مڪاني چونڊون ڪرائڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي. ٽرن آئوٽ تمام گهٽ هو. فارم 11 حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام گهڻو وڙهڻو پيو. نتيجن ۾ دير ڌانڌلي آهي. حڪومت تبديل ٿي وئي آهي هن چيو ته اسان جي چونڊ عمل ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙي ئي صورتحال عام چونڊن ۾ به رهي ته ان جي شفافيت کي هٿي ڏني ويندي. هو چونڊن ۾ جيڪي خاميون سامهون آيون انهن کي سامهون آڻينداسين. حافظ نعيم چيو ته ڪنهن به پارٽي کي اسان جي ضرورت پئي ته مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پي ٽي آءِ سان جيڪا ڪميٽي جوڙي وئي هئي ان ڪم شروع ناهي ڪيو. هاڻي 11 سيٽن تي ضمني چونڊون ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته آر اوز ۽ ڊي آر اوز تازن چونڊن تي اثرانداز ٿيا. اهي آفيسر سنڌ مان نه پر ٻين صوبن مان ڪنيا وڃن. هو ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن کي خط لکي رهيا آهن جڏهن ته هو ٻيهر ڳڻپ بابت اليڪشن ٽربيونل ۾ به ويندا. هر هڪ ووٽ جو تحفظ ڪنداسين. جماعت اسلامي کي ميئر ٿيڻ گهرجي. ڪراچي جي ترقي لاءِ سمورين پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا 32

ڏنيون ۽ گلدستو پيش ڪيو ان موقعي تي وزير عبادت علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گلگت بلتستان کي قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ تي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو شڪريو ادا ڪيون ٿا جنهن 2009ع ۾ گلگت بلتستان کي صوبي جي حيثيت ڏني. هن چيو ته گلگت بلتستان کي هڪ گورننس آرڊيننس جي تحت قومي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ کانپوءِ هيل تائين آئيني صوبي جي حيثيت نه ملي سگهي آهي. پهريان ڊمي اسيمبلي هئي جيڪا چيف ايگزيڪيوٽو امور ڪشمير جي ماتحت هئي. آصف علي زرداري جي ڪاوش سان گورنر، وزيراعلي ۽ صوبائي ڪابينا وجود ۾ آئي آهي هن وقت اسيمبلي کي ڪجهه اختيار مليا آهن. پر گورننس ايگزيڪيوٽو آرڊر جي ڪري اڃا تائين آئيني صوبو نه آهي. وزير عبادت علي وڌيڪ چيو ته گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏيڻ جو لاءِ وفاقي حڪومت ڪميٽيون جوڙي ڪم ڪيو آهي پر خبر ناهي ڪهڙي سبب جي ڪري ڪميٽين جي سفارشن تي عمل نه ٿي سگهيو آهي. سرتاج عزيز ۽ فروغ نسيم جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽين سفارشون ڏنيون آهن ته گلگت بلتستان کي قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ نمائندگي ڏني وڃي ته جيئن صدر مملڪت ۽ وزيراعظم جي چونڊ ۾ حصو وٺي سگهن هن چيو ته گلگت بلتستان جو عوام صدر آصف علي زرداري جو ٿورائتو آهي عوام پيپلزپارٽي طرف ڏسي رهيو آهي ۽ اميد لڳائي ويٺا آهن. عام چونڊون ٻين صوبن سان گڏ ڪرايون وڃن ۽ صاف شفاف چونڊون ٿين ته پيپلزپارٽي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ هن وقت به مخالف ڌر جو اڳواڻ پيپلزپارٽي جو آهي. ايندڙ اليڪشن ۾ سنڌ وانگر گلگت بلتستان ۾ ٻي پي پي حڪومت ٺاهيندي چيو ته گلگت بلتستان ۾ پي پي واحد جماعت آهي جنهن جو باقاعده تنظيمي ڍانچو موجود آهي. هن چيو ته چونڊون وفاق سان گڏ نه ٿيڻ جي ڪري مينڊيٽ تقسيم ٿئي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ نقصان پهتو آهي ۽ مخالف جماعتن جي حڪومت جي ڪري ترقي ۾ رڪاوٽ آهي. هن چيو ته گلگت بلتستان جي تعليمي شرح 90 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي پر نوجوانن لاءِ نوڪرين جا موقعا تمام گهٽ آهن ۽ پيو ته صنعتي زون نه هجڻ ڪري بيروزگاري وڌيڪ آهي. گلگت بلتستان ملڪ جو ڏورانهون صوبو هجڻ جي ڪري مهانگائي ٻين صوبن کان وڌيڪ آهي. هن مطالبو ڪيو ته گلگت بلتستان کي آئيني صوبي جي حيثيت ڏني وڃي.

بقايا 33

عورتن لاءِ گلابي بس سروس ٻن روٽس تي هلائي پئي وڃي. شروعاتي طور هڪ روٽ ماڊل ڪالوني کان شاهراهه فيصل، ميٽرو پول، آءِ آءِ چندريگر روڊ کان مري ويٽر ٽاور تائين آهي. جڏهن ته ٻيو روٽ مري ويٽر ٽاور کان آهي. ٽاور ڊسٽرڪٽ سينٽرل کان صدر تائين ٿيندو جيڪو بعد ۾ هلايو ويندو. گلابي بس سروس پاڪستان جي پهرين پبلڪ ٽرانسپورٽ سروس هوندي جيڪا خاص طور تي عورتن لاءِ هوندي. شروعاتي مرحلي ۾ گلابي بس سروس لاءِ 8 بسون خريد ڪيون ويون آهن. جيڪڏهن پهريون روٽ ڪامياب ٿيو ته ٻئي روٽ لاءِ بسون تيار ڪيون وينديون. گلابي بس سروس جو ڀاڙو 50 رپيا هوندو ۽ 1 فيبروري کان شروع ڪيو ويندو. سنڌ جي ٽرانسپورٽ کاتي پنڪ بس سروس لاءِ بسون خريد ڪري ورتيون آهن. اهي بسون ڪراچي پهچي ويون آهن ۽ سروس فراهم ڪرڻ لاءِ تيار آهن ٻئي طرف سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته ڪراچي جي روٽ نمبر 4، 5، 6 ۽ 7 تي جلد کان جلد بسون هلايون وڃن.

بقايا 34

ٿي وڃي ته حلقو ڊبل هجڻ گهرجن. هن چيو اسان پارٽ پاسرائيل سان تعلق رکيو ٿا . هن اعلان ڪندي چيو ته اسان فيبروري جي پهرين هفتي ۾ احتجاج ڪنداسين. جا بلاول مستقبل وزيراعظم ٿيندو ته هو چاهيندو ته ڪراچي جي ان جي خلاف احتجاج ڪري. اهڙي ڳالهين جو اظهار احتساب عدالت جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو آهي. هن چيو اسان ڪراچي جي عوام کي روڊ آڻينداسين. سنڌ حڪومت جي خط جي تحت سيٽون وڌيون وڃن. مڪاني ڪائي جي چونڊين کي ختم ڪري پهرين حدبندي ڪئي وڃي پوءِ چونڊون ڪرايون وڃن. هن چيو ته ايم ڪيو ايم جي بغير ڪهڙي به ڪراچي ميئر جي حيثيت نه هوندي. اسان وفاقي حڪومت کي چٺي ڪري رهيا آهيون ته سنڌ حڪومت کي سمجهي. آصف زرداري هڪ زيرڪ سياست دان آهي هو حالتن نه سمجهو رهيو آهي. سنڌ حڪومت ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو آهي ته 53 سيٽون گهٽ آهن ان پورو شهر ناهي ويندو آهي . ڪراچي سيني جو آهي بينر لڳائڻ سان ڪجهه نه ملندو.

بقايا 35

طرز حڪومت ۽ صدارتي سسٽم ڪي ڏٺو آمريت کي به ڏسي ورتو ملڪ ۾ عجيب ايليٽ سسٽم قائم ٿي چڪو آهي. جنهن کي سڌارڻو پوندو هڪ ننڍي ايليٽ ڪلاس پاڪستان جا فيصلا ڪري رهي آهي. اسان به هن سسٽم کي تبديل نه ڪري سگهياسين ان لاءِ اسان به ڏوهاري آهيون. تازو ئي شروع ٿيندڙ نيشنل ڊائيلاگ ۽ نئين سياسي پارٽين جي حوالي سان پڇيل سوال تي مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ چيو ته مان مسلم ليگ (ن) جو ئي حصو آهيان پارٽي منهنجي خلاف ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي پر مستقبل ۾ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو ڪوبه ارادو نه آهي. اسحاق ڊار بابت پڇيل سوال تي مفتاح اسماعيل چيو ته اسحاق ڊار عوام ۾ منهنجي خلاف ڳالهيون ڪيون ۽ منهنجي صلاحيت تي سوال اٿاريا جنهن جو مون جواب ڏنو خبر ناهي ته اسحاق ڊار کي ڇو آندو ويو پر ڊار اهو سوچيو ته شايد هو آءِ ايم ايف کان سواءِ ملڪ کي هلائي سگهي ٿو هن ڪوشش ڪئي جنهن سبب پاڪستان کي وڏو نقصان پهتو حڪومت هاڻ ان ڳالهه تي راضي ٿي وئي آهي ته آءِ ايم ايف جون سخت شرطون مڃڻيون پونديون.

بقايا 36

مڪاني چونڊون ڪرائڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي. ٽرن آئوٽ تمام گهٽ هو. فارم 11 حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام گهڻو وڙهڻو پيو. نتيجن ۾ دير ڌانڌلي آهي. حڪومت تبديل ٿي وئي آهي هن چيو ته اسان جي چونڊ عمل ۾ سڌارن جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙي ئي صورتحال عام چونڊن ۾ به رهي ته ان جي شفافيت کي هٿي ڏني ويندي. هو چونڊن ۾ جيڪي خاميون سامهون آيون انهن کي سامهون آڻينداسين. حافظ نعيم چيو ته ڪنهن به پارٽي کي اسان جي ضرورت پئي ته مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. پي ٽي آءِ سان جيڪا ڪميٽي جوڙي وئي هئي ان ڪم شروع ناهي ڪيو. هاڻي 11 سيٽن تي ضمني چونڊون ٿينديون. هن وڌيڪ چيو ته آر اوز ۽ ڊي آر اوز تازن چونڊن تي اثرانداز ٿيا. اهي آفيسر سنڌ مان نه پر ٻين صوبن مان ڪنيا وڃن. هو ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن کي خط لکي رهيا آهن جڏهن ته هو ٻيهر ڳڻپ بابت اليڪشن ٽربيونل ۾ به ويندا. هر هڪ ووٽ جو تحفظ ڪنداسين. جماعت اسلامي کي ميئر ٿيڻ گهرجي. ڪراچي جي ترقي لاءِ سمورين پارٽين سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.

بقايا 37

ريلوي جي ليز ٿيڻ ڪانپوءِ زمينن جي حيثيت تبديل نه ٿي ويندي. عدالت چيو ته ريلوي جي زمين تي جيڪڏهن پارڪ آهي ان تي اڏاوت نه ڪئي وڃي. پاڪستان ريلوي پنهنجي زمينن بابت پارليامينٽ يا ڪابينا مان قانون سازي ڪرائي. ٻڌڻي دوران پاڪستان ريلوي پنهنجو بزنس پلان به عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو. ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته سپريم ڪورٽ جي ليز تي پابندي واري حڪم ڪانپوءِ ريلوي جي 2.5 ارب رپين جي آمدني رڪجي وئي آهي. جسٽس اعجاز الحسن چيو ته ريلوي جي زمين وڪري ڪري نقصان جو پورائو ڪرڻ مسئلي جو حل نه آهي. ٻڌڻي دوران سيڪريٽري ريلوي جو چوڻ هو ته پنشن جي خرچن مان پاڪستان ريلوي جي جند ڇڏايو جنهن تي جسٽس اعجاز الحسن چيو ته ڇا هاڻي ريلوي هر شيءِ لاءِ عدالت ايندو؟ پاڪستان ريلوي پنهنجي قانوني ڊيپارٽمنٽ سان رابطو ڪري.

بقايا | سنڌيار | 01

ڪاتي ۾ ڪنڊڙ عملي طرفان اڄ ٻه ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ٻه ڪلاڪ او پي ڊي بند ڪري فيميل او پي ڊي آڏو ٽوڪن هڙتال ڪندي گرينڊ هيلٿ الائينس ضلع دادو جي اڳواڻن راجه رفيق پنهور نثار احمد لاشاري محمد آچر پنهور صداقت علي سومرو امتياز احمد چانڊيو امان الله پنهور. عبداللطيف گوپانگ امداد علي عباسي منصور پيٽي. عبدالمجيد جهتيال اختر حسين سمون. نظير احمد پير گل محمد شاهاڻي دين محمد جتوئي. محمد ياسين سولنگي. محمد رمضان سولنگي وزير خان پنهور. محمد اعجاز احمد ميمڻ ارشد نوهاڻي. سڪندر علي ڪوسو رحمان پنهور گل منير چانڊيو نظام الدين ميمڻ. احمد علي اتيرو ظهير احمد لغاري حبيب الله ڏراڄ. عابد علي لغاري علي دلدار علي پنهور. نواز لغاري. حبدار علي شيخ حيدر علي لنڊ. ياسين سولنگي. علي اصغر علي قمبراڻي ۽ ٻين چيو ته ٻئي مرحلي جي احتجاج کي به 18 ڏينهن گذري ويا صحت کاتي جي ملازمن نا انصافين جو سلسلو بند نه ٿيو گرينڊ هيلٿ الائينس دادو اڳواڻن سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏيندي چيو ته گرينڊ هيلٿ الائينس جي طرفان ڏنل چارٽر آف ڊمانڊ رسڪ الائونس/هيلٿ پروفيشنل الائونس سپورٽنگ اسٽاف جي ٽائيم اسڪيل پئرا ميڊيڪل جو سروس اسٽڪچر نرسنگ اسٽاف جي پروموشن سميت طرفان پيش ڪيل مطالبا فوري طور حل ڪيا وڃن

بقايا | سنڌيار | 02

۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو انهي موقعي تي دڪاندارن جو چوڻ هو ته ٽنڊومحمدخان هر روز چورن جو آزار وڌي ويو آهي جنهن ڪري واپاري ۽ شهري پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهن ٿا ٽنڊومحمدخان انتظاميه مڪمل ناڪام نظر اچي رهي آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدر آباد سميت اعليٰ اختيارن کان هرروز وڌندڙ وارداتن جو نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي واپارين کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 03

مرڪزي سڏ تي شڪارپور يونين آف جرنلسٽس پاران صدر آغا اسرار پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ وفاقي حڪومت جي ميڊيا دشمن پاليسين. پيمرا ايڪٽ ۾ تازيون ترميمون ۽ پيمرا پاران روزانو ٽي وي چئنلز کي غيرقانوني نوٽيس جاري ڪرڻ. پيڪا ايڪٽ ۾ ترميم ختم ڪرڻ جي حڪومتي واعدي جي خلاف ورزي. سينيئر صحافي ارشد شريف شهيد جي قاتلن جي گرفتاري ۾ دير. اسلام آباد پوليس جو عماد يوسف کي مناسب موقعو نه ڏيڻ تي عمر قيد جي سزا ۽ موت جي سزا ڏيڻ. ايف آءِ اي پاران لاهور جي صحافي شاهد اسلم جي گرفتاري ۽ حراسان ڪرڻ ۽ صحافين خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف شڪارپور پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي شڪارپور يونين آف جرنلسٽس شڪارپور جي صدر آغا اسرار پٺاڻ. جنرل سيڪريٽري عبدالسلام انڙ. رحمت الله سومرو. زاهد نون. جميل مهر. اياز منگي. عبدالخالق سومرو ۽ ٻين چيو ته وفاقي حڪومت پاران ڪاري قانون ذريعي پاڪستان جي ميڊيا انڊسٽري کي بلڊوز ڪرڻ جي ڪوشش. ۽ ايف آءِ اي ذريعي صحافين خلاف ڪوڙا ۽ بي بنياد ڪيس داخل ڪرڻ ۽ ڪين حراسان ڪرڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته حڪمرانن (پي ايف يو جي) جا مطالبا نه مڃيا ته پوءِ 30 جنوريءَ تي نيشنل پريس ڪلب اسلام آباد کان (پي ايف يو جي) جي اعلان موجب ريلي ڪڍي پارليامينٽ هائوس آڏو مارچ ڪيو ويندو ۽ اها ريلي پارليامينٽ هائوس آڏو ڌرڻو هڻي ويهي رهندي. هي ڌرڻو اسان جي جائز مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو. ان ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪنداسين. ان موقعي تي ديدار سومرو. عارف قريشي. حڪيم جتوئي. عديل علوي. اسلم جتوئي. عتيق ڏڪڻ. عبدالبصير سومرو. عمران سومرو. فياض سومرو. فرحان مرتضيٰ. آغا بابر. مير احمد سميت صحافين جو وڏو انگ موجود هو.

بقايا | سنڌيار | 04

ڪاميٽي مورو جي ميونسپل آفيسر عمران ميمڻ جي هدايتن تي ميونسپل ڪاميٽي مورو جي آفيس تي قائم غير قانوني ٽيڪسي اسٽينڊ خلاف ڪارروائي ڪئي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر ميونسپل ڪميٽي مورو جو چوڻ هو ته شهر جي مختلف هنڌن تي خالي ڪيل زمين تي سبزي ۽ ميوي جا اسٽال لڳايا ويندا ته جيئن شهر ۾ موجود رڪاوٽون دور ٿي وڃن ۽ پاڻي جي وهڪري کي روڪي سگهجي. ته ٽرئفڪ جي اچ وڃ بهتر ٿي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 05

داخل ڪرڻ خلاف ڪائونٽر آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن جي سڏ تي بدين جي 5 تعلقن جي روينيو آفيسن ۾ ڪم ڇڏ هڙتال ڪري آفيسن جي تالا بندي بعد ڊي سي آفيس اڳيان ملازم اڳواڻن اسماعيل ميمڻ اياز جوڻيجو الله بخش خاصخيلي ذوالفقار ميمڻ مجيد پهر بدرالدين گاڏاهي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو وڪيل گردي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته صوبي ۾ روينيو جا ملازم ڪرنگهي جي هڏي جي ليکي رکن ٿا پر افسوس هر طرح جي ايمرجنسي اليڪشن پوليو ۽ ٻين سرڪاري ڪم ڪارن ۾ سرڪار جي ٻانهن ٻيلي کاتي جا روينيو ملازم هر وقت عدم تحفظ جو شڪار آهن هنن وڌيڪ چيو ته مختيارڪار الطاف ڪوريجو تي وڪيلن جو تشدد ۽ الٽو ان مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ ناانصافي آهي اها ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي هنن مطالبو ڪيو ته مختيارڪار الطاف ڪوريجو تان داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ روينيو آفيسن ۾ ڪو به سرڪاري ڪم ڪار نه هلندو

بقايا | سنڌيار | 06

ڪنهن به سار ناهي لڌي. ڀاهه متاثرين وس وارن کان مدد جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 07

